شريمد ڀڳوت گيتا

(سنڌي نظم ۾)



ترجمان:

گوبند حڪماڻي 'جيون'

اوم

شريمد ڀڳوت گيتا

(سنڌيِ نَظم ۾)

ترجمان ۽ نظم ڪار

گوبند حڪماڻي 'جيون'

اَرپيان تو

سرگواسي ماتا شريمتي ليلاونتيءَ ۽
پتا شري روچلداس جي
پوڄيہ چرڻن ۾
جن مون ۾ آدياتم لاءِ چاهہ جاڳايو

اَرپيان تو

ڀارت جي سرگواسي پرڌان منتري شريمتي اِندرا گانڌيءَ کي جنهن پنهنجي ڪُرسيءَ بچائڻ لاءِ ديش ۾ جون ۱۹۷۵ کان مارچ ۱۹۷۷ تاءِ آپاتڪال جاري ڪري مون جهڙن ڪيترن ديش پريمين کي ميسا جي ڪاري قانون هيٺ ۲۱ مهنا جيل ۾ بند ڪرڻ جهڙو ناجائز قدم کنيو، جو مون لاءِ ڳيتا- اَڀياس جو موقعو بڻجي وردان ثابت ٿيو.

چپائيندڙ:
جيون جيوتي پرڪاشن،
بي-١٦، يوانيسنگ روڊ،
جئپور - ٣٠٢٠٠١

چاپو:
سال: ١٩٩٤
ڪاپيون: ١٠٠٠

ملھ: اَملھ

ڇپيندڙ:
نوبل پرنٽرس پرائيويٽ لمٽيڊ
٦٨٦، بُڌوار پيٺ،
پوني - ٤١١٠٠٢

ٻہ اَکر

شري حڪماڻيءَ جو سنڌيءَ ۾ گيتا جو ڪويتا ۾ اُلٿو مون نظر مان ڪڍيو. سندس اُمنگ ۽ اُتساھ اَکر اَکر مان ليئا پائي رهيو آهي. اِهو اُنواد هن اَمرجنسيءَ جي وقت جيل جي سزا ڀوڳيندي ١٦-١٧ مهنن ۾ لکيو هو. اِهو عرصو هن ڪروڪشيتر سان ڀيٽيو آهي. اِها ڀيٽ هن جي مناسب چئبي.

شري حڪماڻي گوبند پنهنجي گيتا سنٻنڌي ڪويتا ۾ اُنواد بابت جيڪي ٻہ اکر لکيا آهن اُنهي ڪان پوءِ ٻيءَ ڪنهن پرستاونا لکڻ جي مونکي همٿ نہ ٿي. اَلبت اَڄ تائين ٻيا بہ سنڌي شعر ۾ گيتا اُنواد ڇپجي چڪا آهن ۽ اِنهيءَ ۾ هن ياءَ هڪ نئين پستڪ جو اِضافو ڪيو آهي. اِنهي ڇوڻ ۾ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ سندس ٻولي ڇُٽي سرل ۽ عام جي سمجهڻ جهڙي آهي. مان سمجهان ٿو تہ هن ڪويءَ جو ڪويتا ۾ هن ڪان اڳ ڪوبہ ڪتاب ڇپجي پڌرو ٿيو ناهي ۽ هيءَ سندس منهنجي نظر ۾ پهرين ئي ڪوشش هوندي. اِنهيءَ ڪري ڪيس شاباس ڏيڻ ڪان مان رهي نٿو سگهان. آشا اَٿم تہ هيءُ ڪوي (ياءُ) منهنجا هيءُ بہ اکر خوشيءَ سان قبول ڪندو.

دڪايل

شري هوندراج دڪايل،

Z-13 آديپور (ڪڇ) گجرات

شڪرانا

مان شڪرگذار آهيان پنهنجي ڌرمپتنيءَ ڪروڻا ديويءَ جو جا اُن ڏکيءَ دؤر ۾ جنهن ۾ مون هيءُ گيتا جو ترجمون ڪيو آهي منهنجي ڏکيائين جي ڀاڱيائيوار رهي آهي ۽ سدائين منهنجون چنتائون گهٽائي اُتساهه ڏياريندي رهي آهي.

منهنجي هن ترجمي کي ڪتاب جي روپ ۾ ڇپائڻ لاءِ پاڻ پتوڙڻ واري پنهنجي پياري دوست بخت اَجواڻي جو، جن سنڌي ڀائرن ڇپائيءَ جي خرچ ۾ سهائتا ڪئي آهي ۽ جن مهاپرش آسيس جا ٻه اکر منهنجي هن ڪتاب لاءِ موڪليا آهن تن سڀني جو مان گهڻو ٿورائتو آهيان. سڀني جا لک لک شڪرانا.

اَنت ۾ مان شرڌا سان نمان ٿو اُن پرماتما اڳيان جنهن جي ڪرپا سان ئي هيءُ ڪارج سڌ ٿيو آهي.

گوبند حڪماڻي

سَنجوڳ

پريہ پاٺڪ،

شريمد ڀڳوت گيتا جو هيءُ سنڌي نظم ۾ ترجمو تنهنجي هٿ ۾ ڪِئن ۽ ڪڏهن ايندو ۽ جڏهن تنهنجي هٿ ۾ ايندو تڏهن تون اِن کي پڙهندين يا رکو ھڻي پنا اُٿلائي پاسيرو ڪري رکندين، سو نہ چوڻ مُمڪِن نہ آهي، ڇو جو اِهو سڀ سنجوڳہ سان ئي ٿيندو آهي ۽ سنجوڳہ سان ئي ٿيٺو آهي.

پر مون کي اِهو وشواس آهي
ضرور ڪنهن ڏينهن ڪنهن هنڌ ڪنهن کي مون جيان
ملٺو آهي لاڀ هِن ترجمي مان
تڏهن تہ مليو آهي
اَنوکو اَوسر ۽ اِلاهي آديش
هن ڪاريہ کي ڪرڻ لاءِ.

مون ۾ بہ سنجوڳہ سان ئي گيتا پڙهڻ جو چاهہ جاڳيو هئو. سرڳواسي پوجيہ پتا جي هدايت موجب ست سلوڪي گيتا ضرور روزانو بر زبان پڙهندو هوس ۽ پڙهندو آهيان پر پوري گيتا کي ڌيان سان پڙهڻ جو پهرين ڪڏهن بہ ويچار ڪونہ آيو هئو. جوُن ١٩٧٥ ۾ سوارٿ جي راڄنيتيءَ ديش ۾ آپات ڪال جي گهوشڻا ڪري لوڪ تنتر جو گلو دٻائڻ شروع ڪيو هئو. اُن وقت جي پرڌان منتري شريمتي اِندرا گانڌيءَ ڪورٽ جي آديش اَنوسار پنهنجي ڪرسي ڇڏي ڏيڻ بدران، پاڻ کي خودمختيار حاڪم بڻائڻ لاءِ انياچار جو دمن چڪر هلايو هئو. هُن سڀني وروڌي راڄنيتڪ پارٽين کي خارج ڪري اُنهن جي پد اَڌڪارين ۽ ڪاريہ

۾ چو نہ پڙھيو. سچ پچ تہ ڀڳوت گيتا جھڙو پستڪ
اسڪولي ۽ ڪاليجي اوستا ۾ ئي پڙھڻ لاءِ اسان جي
شڪشا جو انگ ھئڻ کپي. واڻج ۽ اُديوڳي بندوبست ۽
ارٿ شاستر وغيره تہ پڙھايا پيا وڃن پر ھيءُ زندگيءَ
جي بندوبست جو شاستر پڙھائڻ ضروري نہ ٿو سمجھيو وڃي.
ڌرم نرپيڪشتا جي راڄنيتيءَ ۾ ڦاٿل سرڪار سنسڪرت کي
ئي ضروري ڀاشا جو درجو ڪونہ ٿي ڏئي تہ ڀلا گيتا
کي ڪاليجي ٻارن تائين ڪِئن پھچائڻ پسند ڪندي.
مون تہ گيتا کي ڪاليجي پستڪ وانگر ئي پڙھيو.
ور ور ڪري پڙھيم. پنھنجي ذھن ۾ وھارڻ لاءِ پنھنجا
نوٽس بہ ناھيم. ڄڻ تہ ڪو اِمتحان ڏيڻو ھوم. اُن محنت
تہ رڳو مون کي اُن ڏکي دؤر جي ٢١ مھنن ۾ (جون
١٩٧٥ کان مارچ ١٩٧٧ تاءِ) ساھس بخشيو پر ھِن نظمي
ترجمي جو بہ روپ ورتو. ترجمو نثر ۾ نہ ڪري نظم
۾ ئي ڪرڻ نيڪ سمجھم، ڇو جو ھڪ تہ گيتا جي
معنيٰ ئي گيت آھي ۽ ٻيو تہ اِھو محسوس ڪيو اٿم
تہ نثر بنسبت نظم پڙھڻ مھل پڙھندڙ کي وڌيڪ ڌيان
لڳائڻو پوندو آھي. سو ھيءَ وشيہ تہ ڌيان سان ئي پڙھڻ
لائق آھي.
ڀڳوان جي ديا سان جڏھن بہ توھن ھن ڪتاب کي
پڙھڻ جو اِرادو ڪرين تہ اِھو سمجھي پڙھڻ شروع ڪجو
تہ ھيءُ ھڪُ وگيان شاستر آھي جنھن ۾ زندگيءَ جي
صحيح بندوبست ڪرڻ جي رمز ڄاڻايل آھي. تنھن ڪري
اِن کي ڪاليجي پستڪ جِيان پوري ڌيان سان پڙھڻ ۾
ئي لاڀ آھي. وري وري پڙھڻو آھي. پڙھي ڪري غور
ڪرڻو آھي. ھم خيالي مترن سان بحث ڪرڻ سان ۽
وِدوانن جا وياکاڻ ٻڌڻ سان ڪيترا نُڪتا سمجھڻ ۾ سھوليت

ڪرنائن کي ميسا جهڙي ڪاري قانون هيٺ گرفتار ڪري جيل ۾ بند ڪيو هئو. راشٽريه سويم سيوڪ سنگهه جهڙو سماجڪ سنگٺن جو پُراڻي زماني جي رشي مُنين جيان هندستان جي هندو قوم کي جاتين ۽ فرقن جي اَنيڪتا پنيان سانسڪرتڪ سم ڀاوَ جو درشن ڪرائي هِڪُ ڪرڻ جو ۽ ڪُرسيءَ جي راڄنيتيءَ ۾ نه ڦاسي هندو سماج کي سوڀماني، ساهسي ۽ چريتروان بڻائي دنيا اڳيان سَبَلُ ۽ واڌارو ڪندڙ راشٽر جي روپ ۾ کڙو ڪرڻ جو اُديش کڻي ڏينهن رات ڪاريه ۾ لڳو پيو آهي، سوبه شريمتي اِندرا گانڌيءَ جي راوڻي اَهنڪار ۽ ڪروڌ کان ڪونه بچي سگهيو هئو. اُن جا اَڌڪاري ۽ ڪاريه ڪرتا به جيلن ۾ توسيا ويا هئا. اِنصاف لاءِ فرياد ٻڌڻ جو حق عدالتن کان کسيو ويو هئو. جيل ۾ بند ٿيلن کي زندگيءَ پر جيل ۾ ئي ساري مارڻ جو بندوبست ڪيو ويو هئو. ٻاهر سندن ڪُٽنبن جي آمدنيءَ جو هرڪو ذريعو ختم ڪري تباهه ڪرڻ جو سعايو هلي رهيو هئو.

اَهڙي وقت ۾ جڏهن وڏا وڏا نيتا معافي وٺي پاڻ ڇڏائي رهيا هئا، چوڌاري نراشا جي اوندهه ڇائنجي وئي هئي ۽ پنهنجي ڪٽنب جي آجيوڪا هلائڻ ڏينهون ڏينهن مشڪل ٿيندو پئي ويو، تڏهن پنهنجي خودداريءَ کي قائم رکڻ لاءِ ۽ من کي انياءَ اڳيان جُهڪڻ کان روڪڻ لاءِ خاص مانسڪ شڪتيءَ جي ضرورت هئي. اُن منو ٻل پراپتي لاءِ مان جُهڪيو هوس گيتا جي طرف. گيتا هڪ دفعو پڙهيم ته وري پڙهڻ ضروري لڳم. نيڪ طرح سان سمجهڻ لاءِ سنسڪرت سان گڏ هنديءَ ۽ انگريزي ۾ ٿيل ترجما به پڙهيم. پڙهڻ مهل اَفسوس اِن ڳالهه جو پئي ٿيم ته ههڙي ضروري ڪتاب کي مون ڪاليجي ڏينهن

گيتا جي فيلسوفي

شريمد ڀڳوت گيتا ۾ سمايل آهي اَسان جي ويدن ۽ اُپنشدن جو سارُ. اُن ۾ آهي گيان جو اَٿاهه ساگر جنهن جو اَنت لهڻ سؤلو نه آهي. پر اسان جي ديش جي رشين مُنين، سنتن ۽ مهاتمائن آدي شنڪر آچاريه کان وٺي اَڄ جي سوامي چنميانند تائين گيتا جا ڀاشيه يا ٽيڪائون سرل لفظن ۾ لکي اسان ساڌارڻ ٻُڌيءَ وارن تي وڏو اُپڪارَ ڪيو آهي. ڀڳوت گيتا مهرشي ويد وياس دوارا رچيل مهاڀارت پُراڻ جو هڪ اَنگ آهي. هيءَ ست سؤ سلوڪن واري ڪويتا گيان ڀري هڪ گُفتگوُ آهي. اُها گُفتگوُ جا ٿي آهي ڪُروڪشيتر جي رڻ ڀوميءَ تي لڙڻ لاءِ تيار بيٺل ٻن سئنائن جي وچ ۾ بيهاريل رٿ مٿان ويٺل شري ڪرشن ۽ ارجن جي وچ ۾. هِن گُفتگوءَ ۾ گيان ڏيندڙ آهي پاڻ ڀڳوان ۽ گيان گرهڻ ڪندڙ آهي اَرجن جهڙو موهه ۾ ڦاٿل هڪ منش.

گُفتگوءَ جي شروعات ۾ اَرجن چوي ٿو:

۲.۰۷ 'قياس هيٺو ڀاوُ آندو، فرض سمجهڻ ٿيو ڏکيو،

شرڻ ۾ مَان داسُ تنهنجو، راهه مون روشن ڪيو.'

اِن مان صاف ظاهر آهي ته گيتا جو گيان رڳو ودوانن لاءِ نه آهي بلڪ آهي هر عام ماڻهوءَ لاءِ جو وقت به وقت مونجهه ۾ پئجي پنهنجو فرض ڀلائي ٿو وهي. تنهن ڪري جو به شخص اِهو سوچي ته گيتا جو ڳوڙهو گيان سندس سمجهه کان ٻاهر آهي، گيتا پڙهڻ کان پري ٿو رهي سو پنهنجيءَ زندگيءَ ۾ هڪ اَهم ڀُل ٿو ڪري - گيتا زندگيءَ جي اِنتظام يا بندوبست (Life Management) جي سائنس آهي جنهن ۾ منش جيون جي ڪلياڻ جي رمز ڏنل آهي. جڏهن واپاريءَ ۽ اُديوگپتيءَ کي پنهنجو ڌنڌو يا اُديوگ صحيح ڍنگ سان هلائڻ لاءِ واپاري ۽ اُديوگي اِنتظام جي سکيا ڪارگر ثابت ٿئي ٿي تڏهن هر عام ماڻهوءَ کي به گيتا جو اڀياس پنهنجي

ملندي. ڀڳوت گيتا منش کي ڪرم يوڳي بڻائڻ لاءِ، هُن کي نه رڳو ڪرم جا آهي ۽ ڪئن ٿئي ٿو جي فيلسوفي ٿي سمجهائي پر ڪرم ڪئن ڪرڻ گهرجي اُن جي باري ۾ به عمل جوڳيون هدايتون ٿي ڏئي.

جئن جنگ جي ميدان تي پهچي موهه ۽ نفرت جي پيدا ۾ ڦاٿي مُنجهي ويل ارجن کي گيتا جو گيان پنهنجو فرض سمجهائي يڌ ڪرڻ لاءِ تيار ڪري ٿو ۽ هوُ اڌرم کي شڪست ڏيئي ڌرم جي رکيا ٿو ڪري، تئن پنهنجي زندگيءَ جي جدوجهد ڪندي عام ماڻهو جڏهن چڱائيءَ ۽ مندائيءَ ۾ فرق ڪرڻ ۾ اسمرٿ ٿو ٿي پوي ۽ سچ ۽ نياءَ جي راهه ڇڏڻ لاءِ مجبور ٿيڻ ٿو لڳي تڏهن جي هن کي گيتا جو سهارو ملي ٿو وڃي نه هن ۾ پاڻ کي کوڙ ۽ پاپ جي راهه کان پري رهڻ جي توفيق پئدا ٿئي ٿي. گيتا منش کي پنهنجي بُڌيءَ کي پختو رکڻ ۾ ۽ سنعيم سان اورچائيءَ جي رستي تي هلڻ ۾ مدد ٿي ڪري. تنهن ڪري تون اِن کي جي جوانيءَ جي ڏاڪي تي قدم رکندي ئي پڙهندين نه سکي زندگي رهڻ ۾ ڪامياب ويندين. شل هيءَ ترجمو تنهنجي پڙهائي سهوليت پري ڪري. شل سنجوڳ تنهنجو ساٿ ڏئي.

شري پرماتمنه نمه

گوبند حڪماڻي (جيون)
بي -١٦، ڀوانيسنگ روڊ،
جئپور - ٣٠٢٠٠١

ڪرائي ٿي. اِن گيان يوگ ۾ پاڻ کي پختو ڪرڻ لاءِ ڀڳوان ترتيب ٻڌائي آهي نِتُ ڌيان ۽ اَڀياس جي.

ڪرم يوگ آهي سڀ ڪجهه ايشور اَرپڻ ڪري، هار جيت ۾ سم ڀاوُ رکي، ڦل جي اِڇا جو تياڳ ڪري پنهنجا سڀ ڪم اُتساهه سان ڪرڻ. گيتا ۾ ڪرم يوگ جو اُليک رڳو يوگ ڇئي ڪيو ويو آهي ۽ اُن يوگ کي سِڌِ ڪرڻ جو اُپاءُ ٻڌايو ويو آهي ڀڳتيءَ جو. هر ڪرم کي ڀڳوان جي ڀڳتي سمجهي ڪرڻ سان منش نشڪام ڪرم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو ۽ پرم پد کي پراپت ڪري ٿو.

سانکيه ۽ ڪرم يوگ جي ڀيٽ ڪندي شري ڀڳوان چوي ٿو:

۵.۰۵ 'سانکيه وارو جت رسي، تت يوگ وارو پڻ رسي،
پارکوُ سو، يوگ ۽ ٿو سانکيه جنهن کي هڪ لڳي.
۵.۰۶ آ مگر سنياس، اَرجُن! يوگ بن پائڻ ڏکيو،
يوگہ يُڪتيءَ سان مُنيءَ لاءِ سرل برهم پائڻُ ٻٽيو.'

ڀڳوان جي راءِ موجب برهم گيان جو لاڀ بہ نِشڪام ڪرم ڪرڻ سان ئي پراپت ٿئي ٿو. پر ڪيترن کي اِها نِشڪام ڪرم ڪرڻ جي ڳالهه بيتُڪي يا ناممڪن لڳندي آهي. هوُ ترڪ ڏيندا آهن تہ هر ڪرم جو ڪونہ ڪو اُديش ٿئي ٿو. سو اُن اُديش جي پراپتيءَ جي پرواهہ نہ ڪندي ڪرم ڪرڻ ڪيتري قدر سياڻپ آهي. ڀڳوان شري ڪرشن پاڻ بہ بنان اُديش جي ڪم ڪرڻ جي صلاح نہ ٿو ڏئي. هوُ اَرجن کي بہ ڌرم جي رکيا لاءِ ئي جنگ ڪرڻ لاءِ چوي ٿو. ها، پر ساڳئي وقت هوُ اَرجن کي تعقيد ٿو ڪري تہ جنگ ۾ ھُنَ کي سوڀ ملندي يا هار اِن جي ڳڻتي نہ ڪندي هوُ جنگ ڪري. اِن مان ظاهر آهي تہ ڪرم اُهو ڪرڻو آهي جنهن جو اُديش اُتم هجي. پر لاڀ - حاجيءَ جو ويچار ڇڏي ڪرم ڪرڻ سان ڪم ۾ قابلڪاري ايندي ۽ اُديش جي پورتي ٿيندي.

زندگيءَ کي سهڻو ڪرڻ ۽ پنهنجي ڪٽنب ۽ سماج سان فرض اَدائي ڪرڻ ۾ گهڻي مدد ڏيئي سگهي ٿو.

ڀڳوانُ ڪرشنُ اَرجن جهڙي مُنجهيل ماڻهوءَ کي چوي ٿو:-

٦-٠٦ 'پاڻ جنهن قابوُ ڪيو، خود يارُ سو پنهنجو سچو،

پر چڙيو جنهن ڇوٽ مَن کي، وير تنهن خود سان ڪيو.'

گيتا منش جي مَنَ مان موهہ - نفرت ۽ لاڀ - حاجيءَ جي ڀِڏا کي دوُر ڪري سندس بُڌ کي محڪم يا پختو بڻائڻ ۾ سهايتا ڪري ٿي ۽ محڪم بُڌ سان پئدا ٿئي ٿو آتم - وشواس ۽ حوصلو. حوصلو ئي زندگيءَ جي سڦلتا جي ڪُنجي آهي. مهاتما گانڌي پنهنجيءَ آتم ڪٿا ۾ لکي ٿو: 'جڏهن بہ ڪنهن ڪشٽ يا تڪليف جي گهڙيءَ ۾ منهنجو من مايوس ٿيندو آهي تہ مان گيتا جي شرڻ وٺندو آهيان. گيتا مون کي ماءُ جيان سنڀالي وٺندي آهي. پُني نَپي اَڳتي وڌڻ جو اُتساهہ ڏيندي آهي.'

شريمد ڀڳوت گيتا منش اڳيان مقصد رکي ٿي موکش جو. جنهن کي پرم پد يا پرماتما جي پراپتي بہ چيو ويو آهي. اُن موکش يا پرم پد کي حاصل ڪرڻ جا بہ عقيدا ٻُڌايا ويا آهن: هڪ سانکيہ يا گيان يوگہ جو ۽ ٻيو ڪرم يوگہ جو. پنهنجي سڀاوَ اَنوسار ماڻهو ڪنهن بہ هڪ مارگہ تي هلي زندگيءَ ۾ سک ۽ سنتوش ماڻي سگهي ٿو.

سانکيہ يا گيان يوگہ ٻڌائي ٿو تہ هر منش اَندر اَوناسي آتما موجود آهي. اُها اَنگ آهي اُن پرميشور جو جنهن جي تِڪُنڻي پرڪرتيءَ مان سرشٽيءَ جو نرماڻ ٿيو آهي. اُها پرڪرتي ٽيويهن گڻن کي پئدا ڪري ٿي جي آهن: ٥ مها ڀوُت، ٥ گيان اِندريون، ٥ ڪرم اِندريون، ٥ وشيون ۽ مَنُ، بُڌ، اَهنڪار (اَڏياءُ ٽيون). گڻن جو گڻن ۾ ورتڻ ئي سرشٽيءَ جي اَندر ٿيندڙ هر ڪريا جو ڪارڻ آهي. اِها سوکيم ڄاڻ منش کي ڪرتاپڻي جي ڀاوَ کان مکتي ڏياري ڪرم جو سنياس وٺائي ٿي ۽ اَنت ۾ موکش جي پراپتي

رجن هوش سنڀالي، ڏنش ڀاڻ کڻي جنگ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ٿو
چي ۽ اَڌرم مٿان ڌرم جي جيت ٿي ٿئي. تنهن ڪري جي گيتا
ڇي گيان جو ڪو اُلٽو مطلب ڪڍي ڪرم ڇڏي ڀاڳيوادي ٿي ٿو
ِهي تہ اِن ۾ ڏوهہ گيان جو نہ پر گيان ڪٽندڙ جو آهي.

گيتا جي گيان جي ضرورت اَسان ڀارتواسين کي اڄ جي
سمي کان وڌيڪ شايد ئي پهرين ڪڏهن ٿي هوندي ڇو جو اڄ
ہ رڳو اَسان ۾ اَڪرمڻتا پرجي ويئي آهي پر ساهس ۽ سمر ڀاوَ
چي بہ ڪمي اَچي ويئي آهي. اِهي سڀ ڪمزوريون گيتا جي
گيان کي گرهڻ ڪرڻ سان ضرور دور ٿي سگهن ٿيون ۽ اسان جي
ندو سماج محنتي، آتم وشواسي ۽ سڀ ڀيد ڀاوَ ڀلائي يَڪمُشت
ٿي سڄي دنيا جي مقابلي ۾ سوڀاري ٿي سگهي ٿي. مهرشي ويد
ياس پڪو عقيدو ٿو ڄاڻائي.

’آهہ يوڳيشور ڪرِشنُ ۽ ڏنش ڌَرُ اَرجُن جِتي،
سوڀَ، سُکُ، بَرڪَتَ ٿِئي، پُختي رَهي نيتي اُتي.

گوبند حڪماڻي (جيون)
(جئپور آڪاشواڻيءَ تان ۱۸ ميءَ ۱۹۸٦
تي ليکڪ دوارا پرسارت وارتا)

ڦل اِڇا جي تياڳ جو سڏو ۽ سؤلو مطلب آهي پنهنجي شخصي
لاڀ يا حاجي جو خيال ڇڏي ڏيڻ.
پنهنجي ڪيل ڪم جو جس پاڻ ڏانهن ڇڪڻ ڪيتري نہ
ڳهيلائپ آهي سو سمجهائڻ لاءِ ڀڳوان گيتا جي اَرڙهين اَڌياءَ ۾
چوي ٿو تہ ڪنهن بہ ڪم ڪي مڪمل ٿيڻ لاءِ ڪرتا سميت پنجن
ڪارڻن ڪي گڏجي تحرڪ ۾ اَچڻو پوي ٿو :
۱۸-۱۴ هڪ ٿئي آڌارُ، ڪرتا ٻيو، وسيلا ٽيون ٿين،
اُدم ڪيئِي، ديوتا، اِئِن پنج ڪارڻ ٿا ٿين.
۱۸-۱۵ ڪرم واجب يا نہ واجب، ديهہ واڻيءَ من ٿئي،
پنج جڏهن مِلن ڪارڻ، ڪم تہ تڏهين ٿو ٿئي.
۱۸-۱٦ پر اِئِين هوندي بہ سمجهي پاڻکي جو ڪم ڪندڙ،
سو رکي ڪمزور بُڌ ٿو، نانهہ هوُ سچ پرکندڙ.
ها، سچ تہ اِهو آهي تہ جيسين ڪم جو آڌار صحيح نہ
آهي، وسيلا برابر نٿا ملن، هر طرف کان اُدم پورو نٿو ٿئي ۽
ديوتا يا وقت بہ جيسين ساٿ نہ ٿو ڏئي تيسين ڪوبہ ڪم پورو
نٿو ٿئي. اَهڙيءَ حالت ۾ جي منش سڀجي ڪم جو رڳو پاڻ کي
ئي ڪرتا مڃي سمورو جس کڻڻ ٿو چاهي تہ اِهو سندس اَهم يا
اَهنڪار ئي چئبو. زندگيءَ جو هر قدم اُن جو ئي سارٿڪ ٿو ٿئي
جو ڪرتاپڻي جو اَهم نہ ٿو رکي ۽ جيڪو بہ ڪم ڪري ٿو سو
ڀڳوت ڀڳتي سمجهي لڳن سان، نِمرتا ۽ نهٺائيءَ سان.
گيتا ڪٿي بہ ڪرم ڇڏي ڏيڻ لاءِ نہ ٿي چوي. پر ڪي
گمراهہ ويچارڪ اِهو الظام لڳائيندا آهن تہ ڀڳوان وري اِهو
چئي تہ سڀ ڪجهہ ڪرڻ وارو مان آهيان، اَسان ۾ اَڪرمڻتا جو
ڀاوُ آندو آهي. جنهن سبب اَسين هندستاني سڀ ڪجهہ پنهنجي
ڀاڳ تي ڇڏي سُست بڻجي پيا آهيون. اِن باري ۾ ويچار ڪرڻ
جوڳي ڳالهہ اِها آهي تہ گيتا جو گيانُ رَڻ ڀوميءَ مٿان ڏنو ويو
آهي ۽ اُن گيان جو بر وقت اَثر اِهو ٿيو آهي جو دل هاري ويٺل

اوم شري پرماتمنہ نمہ

شريمد ڀڳوت گيتا

اَڌياءُ پهريون

ڌرتراشٽر چيو:

١-٠١ ڌرم ڀوميءَ ڪُروُ ڇيتر وياڪُٽِي جي ڀُڌ - اِڇا،
ڇا ڪيو مُنهنجن وَ پانڊُءَ جي پُٽنِ، سَنجيہ! ڀلا.

سنجيہ چيو:-

١-٢ جاچ ڌُريوڌن ڪري ٿو پانڊوَن سَئنا سَندي،
ڏيان ۾ [1] آچاريہ جي آٽي، ڀُڌائي صِفَ - بَندِي.
١-٠٣ نَظر مان آچاريہ ڪڍجو پانڊوَن سئنا ڌرا،
شِشَ توهان جي [2] پُٽَ - ڌُروپد جي اِها ٿو ويوُہ ڪلا.
١-٠٤ ڀيمَ اَرجُنَ جي برابر سوُرما بيٺل ڪئي،
جُئن دروپد، سانَيڪِي، وئراٽ راجا مَهَرَٿي.
١-٠٥ ڌرشٽڪيتوُ، چيڪتان ۽ وِير ڪاشيراج جو،
پُرشَ نامِي شَئويہ، پُرجِتُ، ڪانتيڀوجُ بہ، آ ڏسو.
١-٠٦ سوُرمو اُتموَجُ ۽ پڻ سوڀَ وارو يُڌمنيوُ،
پُٽَ دروپدءَ پَنجئِي ۽ پُٽُ سُڀدرا اَڀِمنيوُ.
١-٠٧ هِنَ طرف پڻ ناميارا وِير مُنهنجيءَ فوَجَ ۾،
سُڌ ڏيان، آچاريہ! تِن جي مُختصِر اَنداز ۾.
١-٠٨ خود توهين ۽ ڀوجُ ڀيشَمُ، ڪَرَڻُ، ڪرپا چاريہ آ،
[3] سومدتَ - پُٽُ ساڻُ وڪَرڻُ ۽ اَشوَتٿاما بہ آ،
١-٠٩ پڻ ڪئين ٻيا وير حاظرُ جنگہ جي فَنَ ۾ نہ ڀَرُ،
سَڀُ ڪٽِي هٿيار مون لاءِ سِرُ ڏيڻَ لاءِ مُنتظِرُ.

۱-۱۹ خوبُ اُٿيو آواز ڀيانڪُ
ڌرتي اُڀ سارو گونجيو،
ڪؤروَ سئنا ۾ سيني جي،
ڦاٽي دِل ۽ خوف وڌيو
۱-۲۰ ويلَ جنهن شسترَ هلڻ لاءِ تيارُ ها، ڪڍندي ڪمان،
مِتَ ڏسي اَرجُن، جهنڊي جنهن جي مٿان هنمتُ نِشان
۱-۲۱ هِئَن چيو رشِڪيشَ کي تڏهين، مهاراجا مَهان!
او اَچل! اَڳتي وَڌي، جَهل رَٿُ پريئَن سئنا اَڳيان.
۱-۲۲ جئن ڪيان مان نظر مان، آيا ڪٺي جي يُڌ - اِڇا،
ڪيرُ آهن تِن ڏسان جِن سان لڙڻُ پوندو، الا!
۱-۲۳ مان ڏسڻ چاهيان اُنهن جي جنگ لءِ آيا هِتي،
ڌرتراشٽرَ جي ڏنگي پُٽَ جي خوشيءَ جي واسطي.
۱-۲۴ ائَن ٻُڌي اَرجُن اِڇا، پارت! چِڪي رٿ اڳيرو،
وچَ ٻنهي ڌُريُن اَچي ڪرِشنَ ڪيو تنهن کي کڙو.
۱-۲۵ ڀيِي اَڳيان ڀيشمَ دروڻاچاريہ ۽ ٻين حاڪمن،
تو چوي ڪرِشنُ، او پارٿ! سئن ڏسُ تون ڪؤروَن.
۱-۲۶ طرف ٻِن اَرجَنُ ڏسي تو سؤٽ، ماما، پيءُ - پِتا،
پُٽ سڳا، پوٽا، گروُ ۽ ڀائِٽيا، ڀائُرَ، سَڪا.
۱-۲۷ پِڻ ڏٺا ٻيئلَ اَڳيان هُنَ ٻار ڪُنتيءَ جي وَڌي،
تيارُ سئنائن ٻنهي ۾ يار، سَهُرا، سَنٻَنڌي.
۱-۲۸ قياسَ ڀرجي تَرقندي دِل سان چيو هُنَ، تي دُکي،

ارجن چيو:

مُنتَظرُ مائِتَ سڳا، ڪرِشنَ! ڪڙا يُڌ لءِ ڏسي،
۱-۲۹ سَتُ ڇڏي هيٺا ٿِيا اَنگَ، ڇپَ ويا منهنجا سُڪِي،
تو ڏڪي ٿَر ٿَر بَدَنُ ۽ رؤم منهنجا پيا اُٿي.
۱-۳۰ هٿن مان گانڊيوُ کِسڪي، ٿي ٻري چمڙي الا،
ڀِهڻُ ڏي تڪليفَ مون کي مَنُ ڀرمَ ۾ مُبتلا.

١-١٠ ڀيشمَ پٽا هٿ هيٺ هيءَ سئن موچاري لڳي،
پانڊوَن سئنا بہ ڪافي، ڀيمُ رکوالي ڪري.
١-١١ سو رَهِي هَر مُهَڙَ تي مُحَڪَمُ سپيئي يُڌ ڪيو،
هر طرف وَرتي سڄاڳِي آڙَ ۾ ڀِيشمَ جَهَليو.
١-١٢ خوش ڪندي هُن کي تڏهن ڪُلَ جي وَڏي ڀيشم اُتي،
سَنکُ ڦُوڪيو زورسان جڻ شير جي گجڪارَ تي.
١-١٣ تنهن پٺيان ٻيا سنک ۽ واڄا وَڳا ڪَئِن تُونريوَن،
هُلُ هنگامو ٿيو گهڻو هڪ وقت سڀ ڏُنيوُن هليوُن.
١-١٤ اَڇن گهوڙن سان جُتَلَ رٿ تي چڙهيل جي مهرتِي،
جَهٽ وڄايا سنک پنهنجا ڪِرشِنَ ۽ اَرجَنَ اُتي.
١-١٥ پانچجنيہ ڪِرشِنَ ڦُوڪيو ۽
ديودتُ اَرجُن ڦُوڪيو،
حيَبتناڪِي ڪَرتَبَ ڪندڙَ
ڀيمَ اُتي پونڊرُ ڦُوڪيو.
١-١٦ جَئہ اَننتُ ڦُوڪيو ڪُنتيءَ جي
ٻارَ يُڌشٽر زور هُٽِي،
مٽيپُشپَڪُ سَهديوَ ڪَنيو ۽
ڦوڪيو نَڪُلَ سگهوشُ ڪٽِي.
١-١٧ ڪاشيراج تيرنِ جي ماهِرَ
سَنکَ شِکنڊيءَ گڏُ ڦُوڪيا،
درشٽدمَنَ، وئراٽ راڄ ۽
اَجيہ ساتيڪيءَ پڻ ڦُوڪيا.
١-١٨ ڦُوڪيا جوش منجهان، او راجن!
سَنکَ ڪٽي ويرنِ سينِي،
دروپَدَ ۽ اَيِمنيوءَ ڦوڪيا
پُٽنِ دروپديءَ جي پَنجنِي.

۱-۴۴ ڪنهن ڀَهاني ناسُ ٿيو ڪُلَ ڌَرمُ آ ڪنهن جو ڀ‍ جي ،
آ ٻُڌو ٿئي ٿو ، جناردن ! واسُ تنهنجو نَرڪَ ۾ .
۱-۴۵ اُف ٿئي دُکُ ٿو ڏسي اَڄ پاپ تي سَنڌرو ٻَڌو ،
راڄ سُکَ جي لوڀ ۾ خاڪو نهيو ڪُلَ ناس جو .
۱-۴۶ اَگر مارن پُٽ ڪُروءَ جا سَڀُ مِلي مونکي هِتي ،
نِه هٿيو ٻِنَ جَنگ جي ، مؤن لاءِ سو بهتر ٿِئي .

سنجيہ چيو :

۱-۴۷ اِئَن چَئي اَرجُنُ ڪَريو رٿ جي اَندر اَفسوس ۾ ،
تيرِ تَرڪَشُ ۽ ڪَمان سَڀُ هيٺ پيا ، مَنُ سوڪ ۾ .

---

۱. دروڻاچاريہ ، ۲. ڌرشٽَديُمَن ، ۳. پوُرشروا ، ۴. اِندرئُن جي سواميءَ شري ڪرشن کي ۵. مڌ راڪشسَ کي مارينڌڙ شري ڪرشن ، ٦. وارشن راجا جي يادوُ ڪل جا وَنشج شري ڪرشن .

١-٣١ سوُڙ پِڙ اُبتا لڳن مون ، مَنُ مُنجهي ، ڪيشوَ! ويو ،
مائٽن جي ناسَ ۾ مان نا ڏسان ڪلياڻُ ڪو.
١-٣٢ نا ، ڪرشنَ! ڪا چاهہ سُکُ جي سوڀ جي يا راڄَ جي ،
ڇا ڪَبو هيءُ راڄ سُکُ ، گوبند! ڪَبي ڇا زندگي.
١-٣٣ واسطي جِن راڄُ چاهيون ، چاهہ تِئي سُکَ ڀوڳَ لءِ ،
سي ڇڏي ڌَنُ مالُ جيئڻُ هِت ڪڙا ٿيا جنگ لءِ.
١-٣٤ گُرَ ، پِئرُ ۽ پوُڄُ ڏاڏا پُٽَ پيارا پوٽا پِي ،
يار ، مَاما ۽ سڳا سالا وَ سَهُرا سَنبنڌي.
١-٣٥ مان نہ مارڻُ ٺيڪُ سَمجهان تو تِنهين ، [5] مَڌُمار اي!
راڄ ڇاهي لوڪَ هِنجو ، راڄُ ٽِرلوڪِي هُجي.
١-٣٦ سُکُ ڀلا ڪَهڙو اُهو جو سوُٽَ مارينڌي مِلي ،
پاپُ ئي ماري مِلي تِن ، هُجن هوُ رَهزَنَ ڀَلي.
١-٣٧ ڌرتراشٽرَ جي پُٽن جو موُت آڻڻ نا صحيح ،
سَنبنڌي ماري ڪڏهن ڪِئن ٿي سگهوُن ، ماڌوَ! سُکِي.
١-٣٨ ڀَلُ نہ هوُ جِن جي بُڌي آهي ڍَڪيل سُکَ لوڀَ ۾ ،
ڏوهہ سمجهن ناسُ ڪُلَ جو ، پاپُ مارڻ سَڄڻَ کي.
١-٣٩ ڇونہ خود ڀانيوُن اَسين جي پاپُ ٿا ڪُلَ ناس کي ،
ٿيوُن پَري تنهن کان ، جناردن! سوچُ ۽ سعايو ڪري.
١-٤٠ ڪُلُ تِئي جي ناسُ ، تئي تو ناسُ ڪُلَ جوئي ڌَرمُ ،
ڌَرمُ ويو اَڌَرمُ تو ڪُلَ کي ڪري پوُرو خَتَمُ.
١-٤١ ڪُلَوَتيُن ، اَڌَرمُ ٿيري ڪُلَ اَندر ، ڪرِشنَ! اَچي ،
تِرَن زالون ، ٻار ناجائِزُ ڄَمن ٿا ، [6] وارشني!
١-٤٢ ٻار اَهڙا نرکُ ڏيارن ڪُلَ وَ ڪُلَ گهاتڪ ٻنهي ،
پِندُ پاڻي نا مِلي پِترَن ، ڪِرَن سَڀُ هيٺ ٿي.
١-٤٣ ۽ اِنهيءَ اولاد مان جي ٻيوُن بُرايوُن ٿيون اُٿن ،
ناس ڪَن سي ڌَرمُ ڪُلَ جو ، ناس جاتي ڌَرمُ ڪَنِ.

سنجيہ چيو :

۲-۰۹ اِئَن چَئِي رشِڪيش کي ۲نِندَ- وَسِ- ڪَندڙُ تِي چُپ ويو ،
يُڌ ڪرڻ کان نا پَري ، دُشمن - دسيندڙ جو هُئو .

۲-۱۰ يُڌ ڇڏي ٻن لَشڪَرنِ وچ ۾ پيو مايوسُ هئو ،
مُرڪندي ، پارت ! تڏهن رِشڪيشَ اَرجَن کي چيو .

شري ڀڳوان چيو :

۲-۱۱ سوڪُ ڪَرِين جو ناهِ ضروري ،
سُخنَ چوين تون سياڻپ جا ،
سياڻا پَر ڪَنِ سوڪُ نہ تِنِ لاءِ
جي جِئرا يا جي نہ مُئا .

۲-۱۲ ڪونہ هُئُس مان ، ڪونہ هُئين تون ،
ڇا ڪڏهين راجا نہ هئا ،
ڇا ايندو ڪو وقتُ بہ اَهڙو ،
جو نہ اَسين ۾ هيءُ هوندا .

۲-۱۳ جيئُ وٽي ٻالڪپڻُ ، جواني ،
جِئَن ٻُڍاپو ديهہ اَندر ،
تِئَن بَدلائي ديهہ وٽي ٻي ،
صابُرَ ڪَنِ نا سوڪُ اَندر .

۲-۱۴ اِندرين وِشيُنِ جو ميلو ئي ،
سُک دُک ، سردِي گرمِي ڏئي ،
پَر سو ميلُ تہ آهِ عارضي ،
ڪُنتي ٻار! تو سَهڻُ کپي .

۲-۱۵ ميلُ اُهو نا ڪري وياڪُلُ
تَنهن ، جو سُکُ دُکُ هڪ ڄاڻي ،
ڌِيرجَ وارو سوئِي ، اَرجُن !
اَمَرُ اَوستا تو ماڻي .

اَڌياءُ ٻيو

سنجيہ چيو :

۱.-۲ اِن طرح مايوسُ اَرجُنُ قياس وَس هيٺو ڏسي ،
هِئَنَ چيو مَڌُمارَ ڪِرشِنَ ، نيڻَ پُر جل سان ڏِسي .

شري ڀڳوان چيو :

۰۲-۲ تِيَہِ ڪِٿان هيءَ ٻيدِلي ، اَرجُن! ڏُکي هِنَ دؤر ۾ ،
وَرُ نہ آرين جو اِهو ، نا سُرڳُ جَسُ تِکَ - نورَ ۾ -

۲.-۳ نا سُهبن ، پارٿ! اِهو تو ، اُٿُ ، نہ اِئَن نامردُ ٿيءُ ،
ڪَڍُ ڇڪي هِردي هِٽائِي ، ا پَرنتَپَ! تون تيار ٿيءُ .

اَرجُن چَيو :

۲.-۴ ڪِئَن ڀلا ڀيشمَ دَروڻا چاريہَ ٽي هيءُ هَٿَ اُٿن ،
تيرَ ماريان تِن مٿان پوڄڻُ ڪَپي ، مُڌُمار! جِن .

۲.-۵ تو لَڳي بهتر پَنڻُ مُعززُ گُرَن جي گهاتَ کان ،
ڇا ڪبا ماري مِلن جي رتُ رَنڱيل ڌنُ ڪامنا .

۲.-٦ ڇا ڇڱو جيتيون هُنن يا هارَ کائُون تِن هٿان ،
جِئڻُ جِن مَاري نہ ڇاهيون سؤٽ سي سامهون ڏسان .

۲-۰۷ قياس هيٺو ڀاوُ آندو فرض سمجهڻ ٿيو ڏُکيو ،
شَرَڻ ۾ مَان داسُ تُنهنجو ، راهہ مون روشنُ ڪيو .

۲-۰۸ ڪونہ مِٽندو غمُ عُمر ڀَر هونشُ جنهن منهنجو کسيو ،
ڀَلُ ستابو راڄ هِت ، هُتَ ديوُ لوڪ بہ جي مليو .

تِئِن بَدلائي جيئُ ديهہ تو،
هڪَ لاهي ہي تو پائي.
٢-٢٣ نَتو ڪَٽي شستَرُ هُنَ کوئِي،
نہ تِي باهہ ساڙي هُن کِي،
نَہ تو پُسائي پاڻي ڪڏهِين،
واءُ نہ نوٽ ڪري هُنَ کي.
٢-٢٤ اَهڙو هوُ جو ڪَڏهِن نہ ڪٽجي
سَڙي نہ آلو ٿِئي نہ سُڪي،
آ بيشڪ هوُ دائمُ قائمُ
آدِ جُڳادي، اَٽل ٿِئي.
٢-٢٥ هُنَ کوئِي آڪار بہ ناهي،
هوُ آهي سَڀَ سوچَ پري،
ڦير ڦار کان سدا چُٽلُ هوُ
ڇو تَنهنجو کو سوڪُ ڪري.
٢-٢٦ پر مڃين جي تون ٿِئي تو موُت، جُمُ هِنَ جيوَ جو،
تہ بہ ڪَرڻُ گُهرجي نہ توکي، او سپاهي! سوڪُ کو.
٢-٢٧ تو مري چاولُ ضروري، پِڪ جمي جو آ مُئو،
وَسُ نٿو پنهنجو هَلي پوءِ دک ڪرڻ گُهرجي بہ ڇو؟
٢-٢٨ روُپَ بِنَ جو شُروع ۾، وِچَ ۾ وني جو روپ تو،
روُپَ بِنَ وري اَنت ۾، تنهن لاءِ ڇو کو دُکُ ڪبو.
٢-٢٩ کو ڏِسي اَچرجَ جِئان هِنَ، کو چوي آهي عُجُبُ،
کو ٻُڌي کائي عجبُ، پر کونہ سمجهي موُل تَتُ.
٢-٣٠ سا نہ تُتندڙَ آتما، ٢ پارت! اَتِي هر ديهہ ۾،
تنهنکريِ نا دک ڪرڻ کنهنجي بہ لءِ توکي کپي.
٢-٣١ ڏيان ۾ رَکُ فرض پنهنجو، ڇَڏ اِئين دِليوُن هَٽُڻُ،
ڌرمَ لءِ يُڌ کان مٿي ڇا جَسَ پريو ڇَترِيءَ ڪَرڻُ.

٢-١٦ ڪُوڙَ وِجُودَ نہ آهي ڪائي،
سَچُ وِجُودَ بِنان نا ٿئي،
رازُ بِنهي جو سو ڄاڻي ٿو
تَتو گياني جو ٿو ٿئي.
٢-١٧ ڄاڻُ اهو اَوِناسي تون جو
وياپَڪُ سَڀني ۾ آهي،
ڪري نہ ٿو ڪو ناسُ سگهي جنهن،
ناسُ تنهن وارو ناهي.
٢-١٨ اَوناسي آ جيوُ آتما،
ناسُ نہ ٿئي، آ سمجهہ پري،
ديهوُن اُنجون ناس پَيون ٿين،
جوڌ پوءِ، اَرجُن! يڌ ڪجي.
٢-١٩ جيوُ جو سمجهي آ مارِيندڙُ
يا ماريو ويو، ٿو سمجهي،
سو نہ سَهي ڄاڻيندڙُ آهي،
نا ماري نا جيوُ مري.
٢-٢٠ مَرڻُ جَمڻُ نا ٿِئي جيوَ جو،
نَڪي هُئو ٿي، وَري ٿِئي.
جيوُ سدا کان دائمُ قائمُ،
ديهہ مارِيندي هوُ نہ مري.
٢-٢١ او اَرجُن! جو صَحيح سُڄاڻي
جيوُ نہ جَنمي، اَڪُت، اَمر،
سو ڪِئن ڪنهن کي مارائي يا
ڪِئن ڪنهنجو ٿئي مارِيندڙ.
٢-٢٢ جِئن لاهي پوشاڪ پُراڻي
نئي وٺي ڪوئي پائي،

٢-٤٥ ويد جي ئي گڻ چون رَهُه تِن پَري پيڏا ڇڏي،
جوڙَ ۾ ڇڏ ناهَه ڪي، تون سَچُ پَڪڙ رَهُه پاڻ ۾.
٢-٤٦ جيترو مَطلَبُ ڏيي جو پوڙ پوڙان جَلَ اڳيان،
ويد سڀ جو اوترو ئي برهم ڄاڻوءَ جي اڳيان.
٢-٤٧ ڪَرَ مٿان حَقُ آهِه توکي پر نه حَقُ ڦَلَ جي مٿان،
ڪَرمُ نه خاطِر ڦَلَ ڪجي، بي ڪار سان رَکُ چاهُه نا.
٢-٤٨ يوگُ ڌاري ڪَرمُ ڪر، نا پريت ڪر تون ڪَرمَ سان،
هارَ جيت ۾ هِڪُ رهڻُ ئي يوگ جي آڌارنا.
٢-٤٩ يوگَ بُڌ سَمُ پاوُ ڏي، اَرجن! ڪَرمُ تُڇُ تنهن اڳيان،
وَٺُ شرڻ بُڌ - يوگ جي، هيٺو ڪري ڦل واسنا.
٢-٥٠ پائِندي بُڌَ، تئي سرلُ تو پاپُ پُنُ تياڳڻ هِتي،
سو پَڪِڙ بُڌ يوگُ جنهن سان ڪَرَ - ڪُشلتا تِي اچي.
٢-٥١ ڪرم مانَ پَئِدا ٿِيلُ ڦَلُ تياگُ بُڌ - يوگي ڪري،
جنم جو بَندَنُ ڇڏي هوُ موڄ جو پَد تو لهي،
٢-٥٢ جِئَن ئي بُڌ تئي پار تُنهنجي موهَه جي گَپَ چِڪَ منجهان،
تِئَن وجي تو چاهُه وَشِينُ، جي بُڌَل بُڌندين اَڃان.
٢-٥٣ ڪَئِن مَتيُن جي بُڌڻ ڪارَڻ بُڌ وَيَئه حيرانُ ٿِي،
پاڻ ۾ پڪتو رهي بُڌِ ڪي جُهلڻ بُڌِ - يوگ تِي.

اَرجُن چيو:

٢-٥٤ مُحڪمُ بُڌ وارو، پڪتو جو
پاڻ اَندر، تَنهن پَرکيون ڪِئَن،
ڪِئَن ٻولي، ڪِئَن وِهي اُٿي تو
هلي چلي، ڪيشو! هوُ ڪئن؟

شري ڀڳوان چيو:

٢-٥٥ تياڳي مَنَ اَندر جي ڪامنا،
جو خودِ ۾ خودِ تئي پَرِسَن،

۲-۳۲ پاڻ پنهنجي جَڙُ اڳيان دَرُ سرڳ جو، پارٿ! کُليو،
ڀاڳُ ڇترين جو وَريو، هِئَن جنگ جو موقعو مِليو.
۲-۳۳ موڙ نا مُنهن ڌرم يڌ کان فرض پنهنجي تان ڪِري،
پاپَ ڀاڳِي ٻَڻجِندين ۽ جَسُ مِٽيءَ ويندءِ مِلِي.
۲-۳۴ جَسُ وِڃائي خوارُ ٿيندين خلق کِلندءِ يا عُمرِ،
مانَ وارن لاءِ خواري موٽ کان بَد، ياد ڪر.
۲-۳۵ هارَ جي ڏَپ کان ڀَڳين، اِئَن سڀ چوَندءِ مهرٿِي!
عزت آدرُ جي ڏيَنِ اَڄُ سي ڪندءِ پوءِ مسخرِي.
۲-۳۶ ويرنا تُنهنجِي نِندي وَئري ننوليون سڀ ڪندءِ،
اَڻَ سُهَندا لفظ ٻُڌندين اَڻَ سَهي پيڙا ٿِندءِ.
۲-۳۷ اُٿُ ڪري پُختو اِرادو، وير اَرجُن! جنگ ڪر،
جي مُيئَن تان سُرڳ مِلندُءِ جي کَٽين تان راڄ ڪر.
۲-۳۸ سُکُ مِلي دُکُ، لاڀُ حاجي، هار يا ٿئي جيت ڪا،
هِڪُ مَڃِي يڌ ڪاڻ يڌ ڪر، تو لڳي ڪو پاپ نا.
۲-۳۹ ٻُڌِ اِها ٿِي [۴]سانکيہ جي، هاڻي چوان ٻُڌِ [۵]يوگ جِي،
کَرم جا ٻَنڌن ڇُٽنِ جي تون ڪرين سا پراپتِي.
۲-۴۰ قدم پهريون پِڙ نہ خارجُ، ڦَل بہ نا اُلٽو اَچي،
ڌرم هِنَ تي هلڻ سان ئي منشَ جو ڊپ ٿو وڃي.
۲-۴۱ راهہ هِنَ، اَرجُن! هلڻ سان ٿِي ٿِئي پُختي ٻُڌِي،
مَتَ متانتر ڪيترا ٿِي، سَڀُ مُنجهائن ٿا ٻُڌِي.
۲-۴۲ لفظ موهيندڙ چئي، پارٿ! اَجاڻو بحث ڪنِ،
ويد جا واَڪاڻ ڪَنِ ۽ ڪُجهُ نہ ٻيو پيا اِئن چوَنِ.
۲-۴۳ ڪامنا پُر سُرڳُ مقصدُ، چوَنِ ڪِريائُوں ڪَئين،
جَنم - ڪَرمِن ڦَلَ دِلاسا سوڀَ سُکَ جي لءِ سَوين.
۲-۴۴ چاهہ رکندڙ سوڀ سک جِي وَس اِنهنِ ڳالهين اَچِي،
مَنَ کي ڊانوان ڊول ڪَنِ، ٻُڌِ جي وِڃائِن پُختگِي.

٢-٦٢ ڌيانُ رکي وِشيُن ۾ جو پُر،
موهہ ٿِئي پئدا اُن ۾،
موهہ منجهان خواهِش ٿئي پئدا،
خواهِش مان ڪاوڙ اُن ۾.

٢-٦٣ ڪاوڙ مان مونجهارو، جنهن مان
سمرڻ جي شڪتِي پَرمي،
سمرڻ شڪتِي پولي ۾ جنهن،
سو نہ رهي لائِقُ ڪَمَ جي.

٢-٦٤ پر جنهن موهہ نہ ٿئي، نفرت نا،
اِندريُن جنهن پورڻ وَسَ ۾،
وِشيُن سان سَنجوڳ ڪندي تنهن
نرملتا چِتَ جي نہ وڃي.

٢-٦٥ نرملتا سان دوُر تِپَن ڏُکَ،
چِتَ ۾ ٿئي پَرَسَنتا تِي،
پرسَنتا چِتَ آئي جِئن ئِي،
بُڌ پائي مُحڪَمتا تِي.

٢-٦٦ بُڌِ نہ پَڪِي جنهن اَنترمُکَ نا،
نِسچو ڀاوُ بہ ڪونہ اُتي،
بيمُکَ جو چِتُ سانت نہ ٿئي تو،
سانت بنان سُکُ ڀَلا ڪِٿي.

٢-٦٧ مَنُ جنهن جو رُلَندڙُ اِندرين ۾
جنهن سان ئي تو وڃِي لڳي،
سا اِندرِي ٻوڙِي بُڌ کي اِئن
واچوُرو جئن ٻيڙِيءَ کي.

٢-٦٨ تنهن ڪارڻ جو اِندريون پنهنجون
وشين کان تو دوُر جهلي،

تنهن يوڳيءَ کي، پارٿ! تڏهين
مُحڪم - بُڌِ سَيَئِي ڪوٺِن.
٢-٥٦ وياڪُلنا جَنهن دُک ۾ ناهي،
سُک ۾ لالچ نَئي وڌي،
ڊپُ ڪاوڙ ۽ موهه ختم جنهن
سوءِ مُني مُحَڪم بُڌِ ٿئي.
٢-٥٧ جوبِنَ موهه رَهي هرهنڌ ٿو،
چَڱو لڳو حاصِل جيڪي،
نا گَدِ گَدِ نا نفرت ڪنهن سان،
مُحَڪمُ ٿئي تَنهن جي بُڌِ تي.
٢-٥٨ جِڪي ڪُمي جئن اَنگَ، جِڪي هوُ
تو پنهنجون اِندريون سَيَئِي،
ڪَري پَري وِشَيُنِ کان جڏهين،
ٿِئي سندس بُڌِ تي پختي.
٢-٥٩ اِئَن ڪَندي پَرهيزُ وشَيوُن ٿيَن
دوُر، مگر نا يوڳَ اِڇا،
ناسُ اُها تڏهين، جڏهين ٿئي
حَاصِلُ درشنُ پَرم پِتا.
٢-٦٠ جَتن ڪَري سياڻو ڪَئِنِ، اَرجُن!
پر اِندريوُن خَللي ڏاڍيون،
زور زبردستيءَ پنهنجي سان
مَنُ هُنَ جو چورائن ٿيون.
٢-٦١ روڪَ رَکي اِندرين، اَنترمُکُ
ٿي نہ لڳائي چِتُ مون ۾،
وَسِ آڻي سو پنهنجون اِندريون،
مُحَڪم بُڌِ بيشڪ ماڻي.

اَذياءُ ٽيون

اَرجُن چيو:

۳-۰۱ ٿئي اُتمُ ٿي ٻُڌِ ڪرمَ کان، جي جَناردن! مَتِ اِها،
چو لڳائين مون ڀَيانڪ ڪرمَ ۾، ڪيشوَ! ڀلا.
۳-۰۲ ٿا مُنجهائن مِليلَ تُنهنجا قوُل اِئن مُنهنجي ٻُڌي،
چَئُہ اُها هڪَ راهَہ جا مون لءِ هُجي ڪلياڻَ جِي.

شري ڀڳوان چيو:

۳-۰۳ ٻنِ عَقيدنِ کي ٻُڌائيم لوڪ هِنَ ۾ جي هلنِ،
گيانُ رَستو [۱]سانکين جو، ڪرم جو يوگي مڃنِ.
۳-۰۴ ڪَرمَ پنهنجا نا ڪندي ڪو ٿِي سگهي نا نِشڪرمُ،
۽ نَڪي تياڳي ڪَرمَ کي پائي ڪوئِي پَدُ پَرمُ.
۳-۰۵ سَڀُ نہ جڳ ۾ نا رهي هڪُ پَلُ بہ ڪو ٿي بِنَ ڪرمُ،
[۲]گُڻَ - قدرتي مَنُش کان بيوَس ڪَرائِن ٿا ڪرمُ.
۳-۰۶ ڪرمَ - اِندريُن کي جهلي ويٺا، مگر ٿَن مَنُ لڳلُ
ڀوڳَ وِشَيُنَ جي اَندر، تِن جي هَلت ڊونگِي اَصلُ.
۳-۰۷ وَسِ ڪري مَنَ سان نہ اِندريوُن، ڪرم - اِندريُن ڪَمُ ڪري،
موهَہ بِنَ ٿِي ڪرم - يوگِي گوءِ سڀ کان ٿو ڪڍي،
۳-۰۸ ڪَرِ ڪَرمَ تون لازمِي سَڀ، ڪَمُ ڪرڻُ عاليِ سدا،
بِنَ ڪَرم رُڪجي وڃي ٿِي ديهہ جي پڻ ياترا،
۳-۰۹ جو نہ [۳]يگَ جي ٿئي نِمتِ سو ڪرمُ بَنڌَنَ ۾ ٻَڌي،
موهُہ تياڳي، يگ نِمتِ، اَرجُن! ڪرڻُ تو ڪَمُ کپي.
۳-۱۰ مَنُشَ سان گَڏُ يَگُ رَچي، ويجهو وَڏو برهما چيو،
ڪامڌينوُ يگ اَٿوَ هر بَهتريءَ لءِ يَگُ ڪيو.
۳-۱۱ يَگَ ڪيو ٿين ديوتا خوش، شل توهان خوش هوُ بہ ڪَنِ،
قوُتَ هڪ ٻي کي ڏِيو جِئن هر طرف ڪَلياڻَ ٿينِ.

مهاڀلي ! سوئي ماڻهو تو
مُحَڪمتا بُڌجي ماڻي ·
٢-٦٩ جڳ خاطر جا رات تِئي تي
تنهن ۾ جاڳي تو سَنيَمي ،
جاڳي جنهن ۾ هَرُ پراڻي سا
رات تِئي لءِ چيتَ مُني ·
٢-٧٠ اَچَلُ مِثَل ساگر جي جو ، جِتِ
پوَنِ اِڇائَنِ جون نَديون ،
سانت لهي سو ، پر نہ اُهو جو
ڪري ڪامنا جون ڳِڻتيوُن · ــ
٢-٧١ چاهہ بِنان مانڪُ وَرتي جو
سَيِنِ اِڇائن کي تياڳي ،
مان مُنهنجي کان دوُرُ رهي سو
سانت اَوستا کي پائي ·
٢-٧٢ برهم اَوستا سا تِي ، [٦] پارٿ !
جنهن پاتي تئي موهہ نہ ڪو ،
پڻ حاصِل تئي اَنت ڪالَ ۾
پَدُ پرم تنهن برهم سندو ·

---

١ - شترو سارينڌ اَرجن ، ٢ - اَرجن ، ٣ - اَرجُن ، ٤ - سانکيہ يوگ يا گيان يوگ ، ٥ - ڪرم يوگ ، ٦ - پرٿوءَ جي سنتان ، اَرجن ·

٣-٢٥ جِئَن اَياڻو رُڌَلُ ڪم ۾ موهہ وَس لِءِ فائدي،
موهہ بِنَ سياڻو رُڌَلُ تِئَن لوڪ سَنگرَهہ واسطي.

٣-٢٦ ٻُڌ نہ ڀَرمائِڻُ ڇڱو جي موهہ وس پيا ڪرم ڪَن،
ڪَمُ ڪري سَمَ ڀاوَ سان سياڻو ڪرائي ڪرم تِن.

٣-٢٧ ٿئي قُدرتِي - گُڻن دوارا ڪرم جيڪو تو ٿِئي،
اَهمَ ڀَنڪي آتما سَمجهي مگر ٿِي خودِ ڪري.

٣-٢٨ پر سُڄاڻي راز جو ٦ گُڻَ ڪَرمُ جي دَرجِن سندو،
گُڻن ۾ گُڻَ وَرتجن، سو ڄاڻندي نا ٻَڌجَندو.

٣-٢٩ گُڻنَ ۾ ڀنيلائجي ڪَي گڻ - ڪرم ۾ لَپت ٿِين،
نہ ٻِہ سِياڻا اُنهن کي پڻ ڪرم ڪان وچلِتِ نہ ڪَن.

٣-٣٠ چِتَ اَندر ايڪاگرتا، اَرپِي ڪرمَ مونکَي تہ سَپُ،
آسَ، ممتا تون ڇڏي ڪَر يُڌ اُٿِي بِنَ اونَ اَڄُ.

٣-٣١ مَنکَ جي شرڌا رکِي ٻُڌ مَان ڪَڍِي پنهنجي ڦَڏو،
مَڃِن مَتِ منهنجِي اِهاَ ٿا، ڪرمَ - ٻَنڌنُ تِن ٽُٽو.

٣-٣٢ پر ڪَڍِي ويڪُون رڳو جو، مَتِ نہ منهنجيءَ تي هلي،
مَتِ اَنيڪَنَ ۾ مُنجهي سو بيخبر بيحالُ ٿِئي.

٣-٣٣ تو هلي گياَني سدا پڻ وَسِ رهِي پنهنجي سُڀا
آهِہ وَس هرڪو سُڀاوَ جي روڪ پوءِ ڪندي بہ ڇا؟

٣-٣٤ وشئہ ڀوڳ لِءِ موهہ- نفرت جي ٿِين اِندرَين اَندر،
شَل نہ ڪو وَس تِنِ پوي، شَترو ٿِين گهايلُ ڪَندڙ.

٣-٣٥ بي گُڻو ڀَلُ ڌَرَمُ پنَهنجو، وَڌ چڱي َتيلَ ڌَرِمَ ٻئي،
مَرڻ پنهنجي ڌرمَ بَهتر، ڌرَمُ ٻيو پُرِ خوُفُ ٿِئي.

اَرجُنَ چيو:

٣-٣٦ وارشنِي! ڇَئہ هُشيءَ ڪَنهنجيءَ سان ڪري ڪو پاپُ ٿو،
بِنَ اِڇا هوُ زبردستيءَ ٿو وڃي جَڙُ ڏِڪجَندو.

شري ڀڳوان چيو:

٣-٣٧ ڪامنا ۽ ڪروڌ پئدا جي رَجو گُڻَ مان ٿِين،
مها پاپي سَروَ ناسِي سَمجهُہ سي دُشمن ٿِين.

٣-١٢ يَگَنِ دوارا تي هوُ پرسنُ، پوگَ ساڌنَ تا ڏيَنِ،
ڏنَلُ تنِ جي تنِ نہ ارپنِ ورتَندڙ سي چورَ تين.
٣-١٣ بَچَلُ يگَ مان جي بہ کائنِ سَنتَ تنِ کو پاپُ نا،
جي پَچائنِ پيٽَ خاطرِ سي تہ کائنِ پاپَ تا.
٣-١٤ پراڻي پئدا انَ مَنجھان جو مينھُن تو پئدا کري،
مينھُن پئدا يَگَ مَنجھان جو کَرمَ مان اُتپنُ ٿئي.
٣-١٥ کَرمُ برھما جو نھيلُ، آيو مَنجھان اَوناس جو،
تَنھنِ کري ھر يگَ اَندر مؤجوُد ڄاڻج پرمُ سو.
٣-١٦ چَکَرُ سرشٽيءَ جو اِھو، موُجبُ نہ جو اِنَجي هَلي،
پاپميہ جيونُ اُھو اِندريَنِ اَندر ضايع وَڃي.
٣-١٧ پر رھي جو رَتَلُ خود ۾، پاڻَ ۾ ترِپتِ رَھي،
پاڻَ ۾ سَنتوشَ پائي، کرم نا تنھن لءِ ٿئي.
٣-١٨ تيو نہ تيو سان تو رکي نا هوُ کڏھن کو واسطو،
لوکَ هنَ ۾ کنھن اَندر ھُنجو رھي سوارٿُ نٿو.
٣-١٩ موھہ تياڳي کَر سدا تون کرم جي [4]کَرتويہ تي،
کَر کندي بنَ موھہ جي ٿئي پَرمَ جي تي پراپتي.
٣-٢٠ جَنَکَ ۽ بيا کيترا کندي کرم سَڀُ پار پيا،
[5]لوکَ سَنگرھہ خيال کان پڻ کرمُ ئي واجبُ سدا.
٣-٢١ ڇو نہ ماڻھو کَن اُھوئي جو ڏسنِ کَن تا وڏا،
وڏن جي نَقشي قدم تي هَلڻ جي کَن تا نندِا.
٣-٢٢ لوکَ تنِ ۾ لاءِ مون، پارٿ! بچو کرتبُ نہ کو،
نا رَھيو کُڇُ هٿِ کرڻ لءِ تہ بہ رھان کَر ۾ رُڌو.
٣-٢٣ ڇو نہ جي تو خبرداريءَ سان کَرڻُ مان کَرمُ ڇڏيان،
مَنُشَ جي مونکي ڏسي کَرمَ تياڳَ جو کارڻُ بڻان.
٣-٢٤ لوکَ سَڀُ پوندا کرِي جي کرمُ مان پنھنجو ڇڏيان،
پاوَ ۽ جَذباتَ مُنجھندا، خلقَ ناسي مان ٿِيان.

اَڌياءُ چوٿون

شري ڀڳوان چيو :

۴-.۱ يوڳُ هيءُ آهي اَمرُ جو سج کي مون پهرين ڏنو ،
جَنهن مَنوءَ کي ۽ منوءَ سو اَڪشواڪوءَ کي ڏنو .
۴-.۲ اِن طرح هڪ ٻئي وَٽان هيءُ راجَرشِين کي مِليو ،
پَر جُڳن گُذري تہ اَڄ ، اَرجن ! نہ ڪو ڄاڻُو رَهيو .
۴-.۳ تنهن پُراڻي يوڳ جو اَڄ ذِڪُر توسان مون ڪيو ،
ڀڳتُ ۽ تون يارُ مُنهنجو ، رازُ تَنهن ڪارڻ چيو .

اَرجن چيو :

۴-.۴ جَنَمُ تُنهنجو آهہ تازو ، سِجُ تہ آدي ڪال کان ،
يوڳُ تو هُن کي ٻُڌايو شُروع ۾ ، سو ڪِئَن مَڃان .

شري ڀڳوان چيو :

۴-۰۵ جَنمَ وَرتا مون گهڻيئِي تو بہ وَرتا پڻ گهڻا ،
پر نہ توکي ڄاڻ سا ، اَرجُن ! رکان ٿو ڄاڻ مان .
۴-۰۶ نا جَنَمُ نا ناسُ منهنجو ، ايشورُ مان جيوَ جو ،
خود هلائيندي پرڪرتي خود ئي ڌاريان ديهہ ٿو .
۴-۰۷ جَڏ جَڏهن ٿئي ڌَرمَ حاڃي ، پاپَ جي ٿئي اِنتها ،
مانَ وَٺي ڪو روُپُ ، اَرجُن ، پاڻکي ظاهِرُ ڪيان .
۴-۰۸ ٿو بچايان پُڃن وارن پاپيُن ڪندي فَنا ،
جَنَمُ جُڳَ جُڳَ ۾ وٺي ٿو ڌَرم کي قائم ڪيان .
۴-۰۹ جو سُڃاڻي اِئن اِلاهي جَنمُ ۽ مُنهنجو ڪَرَمُ ،
ديَهہ ٻَنڌَنَ کان ڇُٽي مون وٽِ اَچي ، نا ٻيو جَنَمُ .
۴-۱۰ موهُہ ، ڀَپُ ۽ ڪروڌ تياڳي جن ڪنئي آ اوٽ موُن ،
گيان تپ سان سوڌجي پاتو اُنهن آ روُپ موُن .

٣-٣٨ جِئَن دُنهون اگنيءَ ڍَڪي ۽ دُوَر جِئَن تِي آرسيءَ،
گرڀَ کي جئَن کوتِ ويڙهي، ڪامنا تِئَن گيانُ تِي.
٣-٣٩ ڍَڪَڻَ وارو گيانَ کي گيانُين سَندو وَئري وڏو،
ڪامنا روپِي اُلو جو سانت ٿَئي، اَرجُنَ! نَٿو.
٣-٤٠ مَنَ بُڌيءَ اِندريَن اَندر ٿو سو رهي تِن سان مِلِي،
۽ مُنجهائي جيوَ کي، بُڌ جي مَٿان ويڙهي جِهلِي.
٣-٤١ تنهنڪري، پارَت! چڱو، پَهريائين مَنُ اِندريُن جَهلي،
مارِ [٧] تَنهِنکي گيانُ ۽ وگيانُ جو هَردمْ گُهٽي.
٣-٤٢ ٿا چَوَنِ ٿينِ زورُ اِندريُون، زورُ تِنِ کان مَنُ ٿِئي،
زورُ ٿئي مَنَ کان بُڌي، پر زورُ هوءَ بُڌ کان ٿِئي.
٣-٤٣ تنهنڪري اَرجُن! ٿِئي بُڌ کان پَرَمُ جا آتما،
تُون رَهِي تَنهن ۾ پڪو، اُٿُ مارِ دُشمنُ ڪامنا.

---

١. سانکيه يا گيان مارگ تي هلندڙ، ٢. ستو، رجو ۽ تمو گُڻَ، ٣. سڀ جي ڪلياڻ لاءِ شرڌا سان ڪيل ڪارج، ٤. فرض، ٥. عوام جي رهبري لاءِ ڪين سماج رُوپ ۾ گڏ رکڻ. ٦. پرڪرتيءَ جي ٽن گڻن مان پنج مهاڀوت (آڪاش، هوا باهه، پاڻي ۽ ڌرتي) جن مان ديهه اُتپن ٿئي ٿي ۽ پنج گيان اِندريون (ڪَنَ، اَکيون، نَڪُ، جڀَ ۽ چمڙي)، پنج ڪرم اِندريون (وات، هٿ، پير، ڪَام اندري ۽ گُدا) پنج وشيون (شبد، روپ، گنڌ، رسُ ۽ سپرش) ۽ بُڌ من ۽ اَهنڪار ڪُل ٽيويهه گُڻَ ملِي گُڻَ - وڀاڳ يا گُڻَ سموهُ چوائن ٿا. اِنهن سيني گڻن دوارا ٿَيندڙ ڪَرَ ڪرم - وڀاڳ يا ڪرمن جو سموُه چوائن ٿا. اِنهن گڻن ۽ ڪرمن جا پاڻ ۾ درجا نهيل آهن. اِنهن درجن جي ڄاڻ رکندڙُ گياني سَمجهي ٿو ته سُڀُ ڪَرمَ گُڻن دورا ٿين ٿا يعنيٰ گڻ ئي گڻن ۾ پيا وَرتجَن ۽ نِرگڻي آتما جو گُڻن ڪَرمَن سان ڪو سَنبَنڌُ نه آهي. اِئَن سمَجهڻ واري آتما ڪَنهن به ڪَرمَ جي ڦَلَ سان ٻَڌجي نٿي، ٧. ڪامنا.

۴-۲۴ برهمُ اَرپڻُ، برهمُ [۳]هوي، اَگني، هَونُ ڪندڙُ بہ برهمُ،
مَگَنُ اِئن [۲]برهم-ڪَرمَ ۾ پائي سدا ٿو پار-برهمُ.

۴-۲۵ ڪي تہ يوگي ديوتائُن جي خوشيءَ لءِ يگيہ ڪَنِ،
برهم اَگنيءَ ۾ ٻيا ٿا آتمَ آهوتي ڏيَنِ.

۴-۲۶ ڪي ڏيَنِ اِندريُن آهوتي ضابطي جي باھہ ۾،
ڪي هَوُنُ ڪَنِ ڀوڳ - وِشُين جو تہ اِندريُن آڳ ۾.

۴-۲۷ ڪي جَلائِنِ پراڻ ڪِريا ۽ ڪريا اِندريُن سَندي
آتمَ سَنيم آڳ ۾ جا گيانَ سان آ ٻَجهرَندي.

۴-۲۸ دانَ ڪَنِ ڪي تَپُ وڏا ڪي جوڳَ ساڌنَ ۾ رَتا،
پاٺ پوڄا ۾ رُڌا ڪي وِرتَ پالڻَ ۾ لڳا.

۴-۲۹ هَوَنُ پراڻَ اَپانَ جو ڪي اَندرِ هڪ ٻي ۾ تہ ڪَنِ،
پراڻَ ڪِريائُون ڪَندي اِئن پراڻيامُ ٿا سِڌ ڪَنِ.

۴-۳۰ ٻيا ڪَري ڪاڏي ڪِريوُن ٻيا پراڻَ يگُ ڪَنِ پراڻ ۾،
سَڀُ اِهي جي يَگَنِ ڄاڻُو پاپ ساڙَنِ يَگَن ۾.

۴-۳۱ يَگَ - بچِلُ - اَمرتُ جي کائِنِ، لَهَنِ بِرهمانند ٿا،
لوڪَ - سُکَ ئي نا بنان يَگَ، ڪِئن مِلَنِ پرلوڪ جا.

۴-۳۲ يَگَ اِهي ۽ ٻيا ڪَئين پڙ ويد ورنَنُ جي ڪيا،
اُتپتي سَڀُ ڪرمِ جي ڄاڻو جِنهين سي مُڪت ٿِيا.

۴-۳۳ گيان - يَگُ، اَرجُن! اُتم دَرسي يَگَنِ جي پيٺ ۾،
ڇو تہ هرڪو ڪرمُ آخر گيانُ ٻڻجي انت ۾.

۴-۳۴ تنهنڪري تون گياني جَن کان ڪر جگياسا گيان جِي،
شرڻ پَءُ سيوا ڪري تِنِ ٻُوجَهہ وَٺُ تون ڪرم جِي.

۴-۳۵ ڄاڻ جي پائين تِئِي نا موھُ توکي مُوڙُ ڪو،
تون پَسين جِنسارُ سارو پاڻَ ۾، مون ۾ بہ سو.

۴-۳۶ پاپُ ڪندڙُ ڪو وڏو پاپيُنِ اَندر جي تون هُجين،
گيانَ جو تُرهو ڪٽڻ سان، پاپ ساگرُ پار ٿين.

۴-۱۱ جو ٻه جنهن رستي اَچي، مان پَٽ رکان تَنهنجي اُتي،
مَنُشُ، پارٿ! هر طرح پيو واٽَ منهنجي ئي وٺي.

۴-۱۲ واسطي ڪارجَ سِڌيءَ جي مَنشُ پوڄن ديوتا،
لوڪَ هِنَ اَندر سي پائِن سوڀَ ڪِرمَ ۾ جلد ٿا.

۴-۱۳ ڳُڻَ - ڪَرمَ درجن مُجِبُ چارَءِ وَرَڻَ مان ناهِندڙُ،
جاڻُ پر ڪرتا نه موُن توڙي اِنهن جو مان ڪَندڙُ.

۴-۱۴ ڪَرمَ جو رَنگُ موُن لڳي نا، مان نه چاهيان ڦَلُ ٻه ڪو،
اِئَن سُڃاڻيندڙُ مونکي، خود ڪَرمَ ۾ ٻَڌجي نٿو.

۴-۱۵ مُڪتِ چاهيندڙ سدا پڻ رَمزَ اِنَ سان ڪَرمَ ڪَنِ،
تون ٻه ڪر تِئَن ڪرمُ پَنهنجو جِئَن ڪيو تُنهنجي وَڏنِ.

۴-۱۶ ڪَرمُ ڇا نا ڪَرم ڇاهي ڪيئِي عاقُلَ ٿا مُنجَهنِ،
رمز ڏيان تو ڪرم جي جِئَن پاپَ توکي نا لڳنِ.

۴-۱۷ ڪَرمَ جي بَدڪَرمَ جي تون پرک رَکَ ناڪرم جي،
سمجهه ٿيئي پيد ڇو جو ذات ڳُوڙهي ڪرم جي،

۴-۱۸ ڪرم ۾ ناڪرم ڪي ۽ ڪرم ڪي ناڪرم ۾،
جِو ڏسي سو سمجهه وارو رمز وارو ڪرڻ ۾.

۴-۱۹ غَرضَ بِنَ، بِنَ اَڳڪَٿيءَ جي، ٿي رهي جو ڪاريه - رَت،
گيان سان سوڌيو ڪرمُ جنهن، تنهن چونِ گياني پنڊت،

۴-۲۰ ڪرم - ڦَلَ جو سَنگُ تياڳي، جو رهي سنتوش ۾،
نا ٽڪي ڪو آسرو، سو ڪَمُ ڪَندي پڻ نا ڪَري.

۴-۲۱ پاڙڪي پُختو رکِي جي آس بِنَ، لالچ ڇڏي،
ڪَرمَ جِسماني پيا ڪَنِ، پاپُ نا تِنِ کو لڳي.

۴-۲۲ جو مِليو تنهن تي شُڪرُ، نا غَمُ، خوشِي يا حَوَسُ جَنهِن،
لاڀُ حاجِي هِڪُ مَڃي، تنهن ڪَرَمُ نا ٻَڌندو ڪَڏهِن.

۴-۲۳ موهه بِنَ، چِتُ گيانَ ۾ جِنِ، جِئَنُ يگُ سمجهي جِئَنِ،
مُڪتُ اَهِڙنِ لاءِ پاڙهي ڪرمَ - بندَ ڳَرِيو وَڃَنِ.

اَڌياءُ پنجون

آرجُن چيو:

۵-۰۱ ڪَرمَ جو سَنياسُ ۽ يوڳُ ساراهين ٿئي،
پُيس مُنجهي، ڪرشن! ٻُڌائج صافُ سمجهائي صَحي.

شري ڀڳوان چيو:

۵-۰۲ ڪَرمَ جو ١سَنياسُ، اَرجُن! ڪرم جو پڻ ٢يوڳُ ڀِي،
ٻِيَن ٻئي توڙي اُتمُ، پر يوڳَ جي پَدوي وڏي.
۵-۰۳ جاڻُ تَنهن سنياسي جو نا چاهہ نفرت تو رکي،
ٿي پَري ٻِہڏا ٻَنڌن کان سَهج مُڪتي تو لهي.
۵-۰۴ سانکيہ کي جو يوڳَ کان جاڻي جُدا آ ٻارُ سو،
هِڪَ مٿان قائمُ رهڻ واري ٻنهي جو ڦَلُ لڌو.
۵-۰۵ سانکيہ وارو جِتِ رَسي نِتِ يوڳَ وارو پڻ رَسي،
پارکوُ سو، يوڳُ ۽ تو سانکيہ جنهنکي هڪُ لڳي.
۵-۰۶ آ مگر سنياسُ، اَرجُن! يوڳ بن پائڻ ڏُکيو،
يوڳَ يُڪتيءَ سان مُنيءَ لِءِ سَرَلُ برهمُ پائڻُ ٿِيو.
۵-۰۷ ڪَرمَ يوڳِي، صافُ مَنُ، وَسُ پاڻ تي اِندرِين مٿان،
سَڀِن ۾ آتمُ ڏسي تَنهن ڪَرمُ جو لڳي ليشُ نا.
۵-۰۸ سارُ اِهو جاڻيندڙ جو آ
پاڻَ نٿو سو ڪرمُ ڪري،
ڏِسڻُ، ٻُڌڻُ يا سِنگهڻُ ڇُهڻُ پڻ
سُمهڻُ اُٿڻُ هُوَ ڪونہ ڪري.
۵-۰۹ وَنڻُ، ڏِيڻُ، ڳالهائڻ، کائڻُ،
هَلِڻُ، چَلڻُ ناهي هُنجو،

۴-۳۷ ڏڏڪندڙ جِئَن باهہ سازي رَکَ ڪري ڪاٺيون اَتِي ،
گيَانَ اَگنِي ڪرم کي ٻاري ڪري تئن خاڪ تِي .
۴-۳۸ گيانَ جهڙو نا ٻيو ڪو مَنُ ڪري اُجرو سَگهي ،
ڪرم يوگِي وَقتَسِر تو گيانُ اَندر ۾ لَهي .
۴-۳۹ آهہ صداقت شرڌا جنهن ۾
اِندريُن تي آ قَبضو جنهن ،
گيانُ لَهي ، آ گيانَ سان پاتي
سانتِ پرمُ مَنَ اَندر تنهن .
۴-۴۰ مگر گُماني ، بِنَ شَرڌا جو
مورکُ سو نُقصانُ سَهي ،
سُکُ نہ مِلي تنهنکي تو ڪوئي
لوڪُ نَکِي پرلوڪُ نَهي .
۴-۴۱ يوگَ سان ڪَمَ - سَنياسُ وني جو
گيانَ سان سَنسِا دوُر ڪري ،
پاڻ اَندر پُختو جو ، اَرجُن !
بَڌي نہ تنهنکي ڪرمُ سَگهي .
۴-۴۲ تنهن لءِ کَڻُ تلوار گيَانَ جي
سَنسَنِ جي کَتِ چارَ سچِي ؛
پئدا تِي اَگيان منجِهانَ جا ،
اَرجُن ! اُٿُ يوگِي بَڻجِي .

---

۱. منوءَ کان پوءِ هڪ مهان راجا جنهن جي ڪُل ۾ ئي شري رامچندر جو جنم ٿيو هئو ، ۲. ٿيويهن گڻن انوسار (اَڌياءُ ٿيون) گڻن ۽ ڪرمن جا پاڻ ۾ وڀاڳ يا درجا ٿين ٿا ۽ اُنهن اَنوسار ئي منش جا چار وَرڻ ليکيا ويا آهن . ظاهر آهي تہ ورڻ ويوستا جنم جي آڌار تي نہ پر گُڻَ ڪرمَ جي آڌار تي هوندي هئي ، ۳. آهوتيءَ جي سامگري يعنيٰ گيه ۽ جَوَ وغيره ۴. برهم روپ ڪرم ۾ ڪرم ، ڪرتا ۽ وسيلا سَڀ برهم پاڻ سمجها وڃن ٿا .

۵-۱٦ دُور ٿيو اَگيانُ جِنجو آتما جي گيانَ سان،
برهمِ جو پرڪاشُ ٿئي ٿو سڄ جِيان تِنجي اَگيان.
۵-۱۷ اُن اَوَستا ۾ مَگَن جا آتما، نِشٺا، ٻُڌِي،
گيانُ توڙي پاپَ تَنهنجا، [۴]آگمن ڦيري ڇُٽي.
۵-۱۸ هِڪُ ڏِسَن گياني اُهي چَنڊالُ يا برهمڻُ هُجي،
گانءِ هاٿِي يا ڪُتو يا پَڙهيلُ يا مُورکُ هُجي.
۵-۱۹ سو رهِي سَمَ ڀاوَ سان سنسارُ جيتي [۵]جُوڻِ ۾،
برهمُ آ نِردوشُ ۽ سَمُ، هوُ ڪُپي تنَهن برهمَ ۾.
۵-۲۰ برهمَ ڄاڻُو برهمَ ۾ لءِ، ٻُڌِ پَڪِي، ڀرمَن پَري،
تَنهن پَسندِگيءَ نا پَسندگيءَ جو مِلڻُ سُکُ ڏُکُ نہ ڏي.
۵-۲۱ ٻاهرين سَنجوڳَ کان ٿِي دُور سُکُ اَندر لَهي؛
برهمَ چِنتَنَ ۾ رَهِي سو اَمِتُ آنند ٿو چَکي.
۵-۲۲ ڇِنپِنگُرُ ئِي ٿو مِلي سُکُ ڀوڳَ اِندريُن جي مَنجهان،
آد ۽ تَنهن اَنتُ آهي، نا ڀوي سياڻو پُنبان.
۵-۲۳ ڪامُ ۽ ڪاوڙ سَگهي روڪي هِتي هِنَ ديهہ ۾،
سو سچو يوگي چوائِي ۽ سُکي سنسارَ ۾.
۵-۲۴ اَندر جنهن آرام سُکُ ۽ جوتِ جنهن اَندر ٻري،
سو لَهي مُڪتي ٿو يوگِي، پاڻ ئِي ٿِي برهمُ وڃي.
۵-۲۵ سي لَهن نِرواڻُ جِن جا پاپَ ٻِيڏا ٿا وَڃن،
پاڻُ پُختو جي رَکَن، سڀَ جو ڀَلو ڪندا رَهن.
۵-۲٦ ڪامنا ۽ ڪروڌ تياڳِي جِن ٻَڌو ويچارَ کي،
نا ٻَڌي ٻَنڌنُ تِنهِين جِن آ سڃاتو پاڻکي.
۵-۲۷ ٻاهرين سَڀُ ڪَشَشَ ڪاڻي نظر ڀِروُن وِچَ رَکِي،
ساهہ ناسُن مان کَڻَڻَ ۽ کَڍَڻَ جي کَن هڪ گَتِي.
۵-۲۸ قبضُ مَنَ اِندريُن ٻُڌيءَ ني، موڪشُ ٿئي مَقصدُ سَندنِ،
ڀُپُ، اِڇا ۽ ڪروڌُ جيتي، مُڪتِ آخر ٿِي وڃن.

وِشَيُنَ ۾ اِندريُون وَرتَنِ ٿيوُن
آهِ عَقَيدو چاڙوءَ جو.

١٠-٥ ڪَرمُ ڪري سؤنپي نہ برهم کي
موهہ سَموُرو تياڳُ ڪري،
ڪَرمُ نہ تو لوئي هُنکي جِئَن
پاڻيءَ ڪمل - پَتو نہ پُسي.

١١-٥ موهہ ڇڏي، اِندريُن مَنَ سان ۽
ديهہ بُڌيءَ پنهنجيءَ سان هوُ،
ڪري ڪرمُ نِتُ يوگِي بَڻجي
آتَمَ شُڌيءَ واسطي هوُ.

١٢-٥ يُڪتيءَ وارو مَنُ جوڙي اُتِ،
ڦَلُ تياڳي سُکُ پائي تو،
پر يِتڪيلُ مَنُ خواهش وَسِ تي
ڪرمَ اَندر قابو ٿئي تو.

١٣-٥ مَنَ سان ڇڏي ڪرمَ سنياسي
نَوَ دواري ۾ پختو ٿي،
ڪرمُ نہ هوُ ڪو ڪري ڪرائي
آنند مَگَنُ رهي يوگِي.

١٤-٥ ڪرمُ يا ڪرتا پَڻو نہ ڪوئِي
اِيش رَچيو لءِ لوڪن جي،
نَکِي رَچيائين پراپَتِي ڦَلَ جِي،
سَڀُ سُڀاوَ وَس پيو تو ٿئي.

١٥-٥ ڪونہ قبولي پريو نہ ڪنهنجا
هُجَن پاپَ يا پُڃُ ڪَٽي،
گيانُ اَگيانَ ڍڪيو آ جنهن لءِ
مايا ۾ ڦَٿڪي پراڻِي.

اَڌياءُ ڇھون

...ري ڀڳوان چيو:

٦-... ڪَرمَ جوڳا ڦَلَ - اِڇا بِنَ جو ڪري سنياسي آ،
سوئي يوڳِي، پر نہ سو جو، باھہ بِنَ، بِنَ ڪَرمَ آ.

٦-... جِنھن چَونِ سنياس، اَرجُن! يوڳُ ڄاڻج سو صَحِي.
ڦَل - اِڇا سَنياس بِنَ ڪو يوڳُ ٿيو ناهي ڪَڏِهِن.

٦-... مَنَ کندڙُ جو پچائي يوڳُ تنِھن ڪَپندو ڪرمُ،
يوڳ ۾ ڪامِلُ بڻيو تَنھن کي ڪپي ٿو ناڪرم.

٦-... مَنُ نہ وشينِ ۾ رھي، نا موھہ ٿئي ڪو ڪَرمَ سان،
سوچُ پڻ نا ڪو رَھي، سا يوڳ - ڪاملتا چوان.

٦-... پاڻ کي شل خود اُٿاري، شَل نہ ڪيري پاڻ کي،
ڇو تہ پنھنجو سَڄَڻُ خود ئي، خود ئي دُشمنُ ٿو ٿِئي.

٦-... پاڻُ جَنھن قابوُ ڪيو، خود يارُ سو پنھنجو سچو،
پَر ڇڏيو جنھن ڇوٽِ خود کي، وير تنھن خود سان ڪيو.

٦-... پاڻُ جيتي، سانت چتَ ۾، پُختگيءَ سان ھِڪُ رَھي،
سُکُ ھَجِي دُکُ، ٿَڌَ يا گرمِي، مانُ يا اَپمانُ ٿئي.

٦-... گيانَ ترپتِ، صِدقَ سالِمُ، وجيہ اِندرين جي مٿان،
سونُ پَٿرُ جنھن برابر، تنھن جُڙيل يوگي چوان.

٦-... يارُ، دُشمنُ، مِتُ پَرايو، بي رَيا يا بي رُخو،
ڌارمڪ پاپي لڳي ھَڪُ، جنھن اِئين ٿئي گوءِ سو.

٦-... هيڪلو هر وقت يوگِي لِنوَ لَڳائي ٿو رَھي،
ديھہ مَنُ قابو رکي، بِنَ واسنا بِنَ لوڀ جي.

٦-... صافُ ۽ مَٿني جڳھہ، پُختو اُتي آسنُ رکي،
گاھہ ۽ کَلَ جو نَھيلُ ۽ تنھن مٿان ڪپڙو وڇھي.

٥-٢٩ ماڻيندڙُ يَگَ تَپنِ جو مان، گهٽگُهرو سوامي سَيِن،
جِنِ مون چاتو روپ اَهڙو، تيا سدا آنند مَگَن.

---

١. ڪرتاپڻي جو تياڳ، ٢. ڀڳوت ڀڳتي سمجهي هر ڪرم ڪرڻ، ٣. ساڪشاتڪار ٤. جنم مرڻ جي ڦيرِي يا چڪر، ٥. هِن منش جوڻيءَ ۾.

Space donated in sweet memory of dear
Meera Gyanchand Wadhvani
by Wadhvani family.

٦-٢ اِئن ڪندي نِتُ ساڌنا ڌيرجُ مِلي ٻُڌ سانت ٿئي،
مَنُ لڳي آتمَ اندر پوءِ سوچُ ڪوئِي نا رهي.
٦-٢ سَبَب جنهن چَنچَلُ ٿِئي مَنُ ۽ لڳي وِشيُن پنيان،
موڙِ تنهن کان مَنُ نہ موٽِي جئن لڳي سنگِ آتما،
٦-٢ مَنُ ڪري اِئن ماٺِ يوگي سُکُ اُتمُ پائي سگهي،
وَسِ رکِي جذبات کي خود پاپَ بِنَ ٿِي برهمُ ٿِئي.
٦-٢ اِن طرح يوگي رُپائي پاڻَ کي پاپَنِ پَري،
سُکُ لَهي بيحد اَندر ۾ برهمَ کي پائي ڪري.
٦-٢ سَپَ اَندر هڪ آتما ۽ آتما ۾ سپُ ڏسي،
يوگَ ۾ لءِ هوُ اَندر ٿِي روُپ هڪڙو ئي پسي.
٦-٣ جو پَسي مونکي سَپِن ۾، مون اَندر سِپني لهي،
نا پري مان تنهن نظر کان، نا نظر تنهن تا ٿِري.
٦-٣ لءِ ٿيلُ مون ساڻُ، پوڄي مون ڏسِي هرڪنهن اَندر،
وَرتَندي دُنيا اَندر يوگِي سو وَرتي مون اَندر.
٦-٣ ساڳِي چاڻِي آتما جو سَپُ برابر ٿو ڏسي،
دُکُ هجي سُکُ هڪ لڳي، سوئِي مها يوگِي ٿِئي.

رجُن چيو:

٦-٣ يوگُ چوين سم ڀاوَ سَندو جو
مونکي مُمِکن ڪونہ لڳي،
چَنچلُ مَنُ، مڌ سوَدن! ساندهِ
ٽِڪي سگهي سَمَپوُ نہ لڳي.
٦-٣ مَنُ اَشانت ۽ خَللِي ڏاڍو
زوراور طوفان جيان،
وَسِ ايندو ڪنهن جي ڪڏهين سو
مان نہ بِنهَ مُشڪل سمجهان.

٦-١٢ چِتَ وَ اِندرِيُن کي جَهلي قابوُ وِهي آسنَ مٿان،
مَنَ شُڌيءَ لءِ ٿو ڪري نِتُ ڌيانَ - يوگي ساڌنا.

٦-١٣ ڪَنڌُ سِڌو، ناٽي ڪرنگهو ماٿِ ٿِرُ ويهي ڪَري.
نا ڏسي ڪُجهُ ٻيو، نظر پر نوڪ نَڪَ جي ٿي رکي.

٦-١٤ خوشَ آتِما، ڊَپُ ڊاءُ نا، برهمچريہ ورتيءَ ۾ پڪو،
چِتُ مَگنُ، مَنَ پُختگِي، وينو رهي مون سان جُڙيو.

٦-١٥ اِن طرح يوگِي جَهلي مُون سان سدا پنهنجو تہ مُنُ،
مؤج ماڻي لينُ ٿِي، آخر لهي نرواڻ پَدُ،

٦-١٦ يوگُ ٿئي پر سِڌِ نٿو، اَرجُن! ڪڏهن تنهن منش جو،
جو گهڻو کائي، ڪِڏي ٻُک، جاڳندو سُمهندو گهڻو.

٦-١٧ هَلڻَ، کائڻَ، ڪنهن بہ ڪم ۾ جو ڪري ڪا گَهڻِ نٿو،
نا سُمهڻُ، جاڳڻُ گهڻو، تنهنجا ڪَٽي ڏُکَ يوگُ ٿو.

٦-١٨ وَسِ ڪَيلُ چِتُ ٿو جڏهن پنهنجِي اندر ئي لءِ لهي،
ڪامنا بن ٿَي تڏهن، مون سان جُڙيل سمجهو وڃي.

٦-١٩ جوت جا ڦرڪي نَٿِي بِن ڪنهن هوا ڪمري اندر،
تنهن مثل يوگيءَ سندو من ٿئي جڙيل پُختو اندر.

٦-٢٠ يوگَ ساڌڻ سان جڏهن ماڻي مزو چِتُ ماٺ جو،
پاڻ کي پنهنجي اندر پائي، لهي سنتوش ٿو.

٦-٢١ مَنَ وَ اندرين کان پري جو سُکُ ٻُڌِي سمجهِي سگهي،
تنهن سندي اَحساس سان يوگِي ٻَڌلُ مَنَ کي رَکي.

٦-٢٢ سُکُ اِهو پاتو تہ ٻيو ڪو سُکُ نہ ٿو وڌنڊڙ لڳي،
ڏُکُ بہ نِتِ ٻيوس ٻَٽِي مَنُ مُور نا لوڏي سگهي.

٦-٢٣ ڏُکن مان ٻاهر ڪڍڻُ ئي مَنُ وڏو هڪ يوگُ آ،
مَنُ پَڪو پختو ڪرڻ لءِ ساڌنا جي لوڙ آ.

٦-٢٤ جِئن چِٽن سَپُ ڪامنائون ڪلپنا مان جي اُٿن،
وس اَچن اِندريون وَ مَنَ ۾ واسنائون نا ٻَرن،

٦-٤١ يوڳَ ۾ پِنڪيلُ وَڃِي ڪُجهُ سال ماڻِي سُرڳ کي،
پوءِ موٽِي ڪُلَ سَتابي شيلَ واري ۾ ڄمي.
٦-٤٢ يا ڄمي [2]يوڳيءَ چَني جِت گيان جو واتاوَرڻُ،
آهِ دُرلَڀُ هِنَ جَهان ۾ اِئن جنم سهڻو مِلَڻ.
٦-٤٣ اِن طرح پهرين جنم جي بُڌِ وري جاڳِي اُٿي،
يوڳَ ساڌڻ واسطي، اَرجُنَ! وري سعايو هلي.
٦-٤٤ پاڻَ ئي پيا ٿا وَڌائن جي جَتَنَ اَڳِلا ڪيل،
پار [3]شبدي - برهم کان ٿين، يوڳَ - مارگ تي هليل.
٦-٤٥ اُدمَ سان اَڀياسُ ڪندڙُ پاپَ سَڀُ ڌوئِي ڪري،
هر جَنَمَ اَڳتي وڌي ٿو، گَتِ پَرمُ آخِر لَهي.
٦-٤٦ ٿا مَڃِنِ يوڳيءَ سَرسُ گيانيءَ تپسويءَ کان بِنهين،
ڪرم ڪانڊيءَ کان بہ وَڌ، اَرجُن! ٿِئو يوڳي ٿِئين.
٦-٤٧ سَڀِنِ يوڳيُن ۾ بہ يوڳي جو لڳائي لِنوَ مُ سان،
نِتَ پَڄنُ منهنجو ڪري مان سَرسُ تنهنکي ٿو مڃان.

---

١. جوشُ ۽ اُتساهُ ٢. يوڳيءَ گهر ۾، ٣. ويد جي سِکيائن کان

شري ڀڳوان چيو :

٦-٣٥ ها ، اَرجُن ! بيشڪ مَنُ چَنچلُ
ڏُکيو ڪَرڻُ وَسَ ۾ تنهنکي ،
پر ، ڪُنتيءَ جا ٻار ! سو مُمڪِن
ٿئي وئراڳ - اَڀياسُ ڪندي .

٦-٣٦ جو نہ ڪري سَنيمُ تنهن خاطِر
يوڳُ ڪَرڻُ مُشڪل تہ ضرور ،
پروَسَ وارو يَتَنَ ڪرڻ سان
سَهجُ ڪري مَنَ کي مجبور .

اَرجُن چيو :

٦-٣٧ هي ڪِرشِنَ ! شَردا هوندي پڻ
ڪو جي يوڳُ ڪندي ٿَڪجي .
۽ نہ سَگهي سِڌِ پائي سو جي
ڇا آخِر ۾ هوُ ڀٽڪي .

٦-٣٨ برهم مارڳ ۾ ڀَٽڪِي سو ڇا
ٻاڙَ وِڇائي لوڪ ٻئِي ،
واءُ اَندر سڪڻو بادلُ جِئَن
آخِر پوندو آهِ ڍهِي .

٥-٣٩ ڪٽڪو مَنَ مَنهنجي ۾ اَهڙو
ڪرشِنَ ! ڪَجِ توُن دوُر صَحي ،
ٻيو نہ مِلي تو کان بهتر جو
مُختياريءَ سان سَگهي ڇَئي .

شري ڀڳوان چيو :

٦-٤٠ نا ڪڏهن نا ، سَڄڻَ منهنجا ! لوڪ هِنَ ، پرلوڪ ۾
پائِندو ڪا دُرگتي ، ڇو جو لڳل شُڀُ ڪاج ۾ .

٧-١٢ ساتوڪُ يا راجسڪُ يا ڀاوَ جيڪي تامسڪُ ،
سَڀُ مَنجهان مون ، مان نہ تِن ۾ ، سڀُ اَندر منهنجي تہ ڏسُ.

٧-١٣ [3]تِن گڻن ڀرپور [4]ڀاوَن سان سڄو جڳ موهِجي ،
ء ڏسي نا مون جُدا، جو گڻن سان نا بَدلجي .

٧-١٤ آ اَلوڪِڪ تِگُڻي مايا ، پارُ پائڻ آ ڏکيو ،
پر اَچي جو شرڻ منهنجي ، پار ٿِي سو ٿئي سُکيو .

٧-١٥ ٥٥هہ مايا ۾ وِڃائي بُڌ مَنش پاپي ٿِيَن ،
نيچ‍تا جا ڪرم ڀيا ڪَن ، ڏيانُ مُنهنجو ڪونہ ڪَن .

٧-١٦ نيڪُ ڪَرمِي جِن اَندر ڪي [5]گهرج وارا ، ڪي دُکِي ،
ڪي [6]جِگياسوُ ، گياني ڀڻ ڪي ، ياد ڪَنِ مُون ٿين سُکِي .

٧-١٧ سَرسُ چئني ۾ مَڃان گيانِي رتلُ مُون ڌيان ۾ ،
هوُ مُنجو ڀيارو ڀڳت آ هُنَ ٻَڌو مون ڀريم ۾ .

٧-١٨ نيڪ آهن چارئي ، گياني مگر هَم - روپُ ٿئي ،
مَنُ ٻَڪو ، مقصد بہ جنهنجو آ فقط پائِڻُ مُنکي .

٧-١٩ جَنم جَنَمنِ ۾ ڌيائي نيتِ گياني مُون مِلي ،
سڀ ۾ ڏسي هوُ واسُدي (و) آتِما نرلِپتُ ٿئي .

٧-٢٠ پر ٻيا وَسِ ڪامنا ساڄهہ وڃائي ٿا وهن ،
ٻيا ڦِرنِ ديونِ پنيان ، نِتُ نيم مطلب سان تہ ڪَنِ .

٧-٢١ روپَ جنهن ۾ جو ڌيائي من اَندر شرڌا رَکي ،
مان ڪيان ڪوشش سندس شرڌا رهي پُختِي پَڪِي .

٧-٢٢ مَنَ پَڪو نِشچو رَکِي نِتُ ديوَ جو پوڄنُ ڪري ،
ڀوڳَ ڀوڳِي مَنَ گُهريا هوُ جِئَن رضا منهنجِي رهي .

٧-٢٣ تِنِ نندِي ٻُڌ ، ڦَلُ بہ پائِن سو جو ڇنينگُرُ سدا ،
ديوَ پوڄي ديوَ پائن ، مُون مِلن مُون ڀڳت ٿا .

٧-٢٤ نا ڏسن سمجهِي سگهن نا مُون اُتم اَوناسَ کي ،
ڪَنِ مَ جي پوڄا اُهي اَوتار جي ئِي روپَ ۾ .

اوم شري پرماتمنہ نمہ

اَڌياءُ ستون

شري ڀڳوان چيو:

۷-۰۱ چِتُ مون ۾، پَئي شرڻ مون، 'يوڳُ جو، پارٿ! ڪري،
ٻُڌُ، ٻنان شڪ، جيئن مُنهنجي ٻُوجھ پُورڻُ هُو لهي.
۷-۰۲ ٻُوجَھ وارو گيانُ سو تو لءِ چوان وستارَ سان،
جاڻ جنهنجيءَ ڪان رهي پو(۶)جاڻ لءِ باقي نہ نا.
۷-۰۳ مَنجھ هزارَن ڪوءِ هڪڙو سِڌ تِيڻ جي تو ڪري،
تِن اَندر ورلي نہ ڪوئي تَتُ لهي مُنهنجو سگھي.
۷-۰۴ جَلُ، هوا، اگِني وَ ڌرتي، عَرشُ، مَنُ، ٻُڌ، اَهنڪار،
اِئن وَنديَل منهنجي پرڪرتيءَ جا ٽين اَٺَ تا پرڪار.
۷-۰۵ آ اِها هَلڪي پرڪرِتي، اَلڳ اَرجن! ٻي اُتم،
جَڳت جي جا چيتنا جنهن سان جڳت سارو جهليم.
۷-۰۶ ٽيَن پرڪرتيون ڳرڀُ جنهن ۾ اُتپتي ساري ٿِئي،
مُول جڳ جو، اَنت پڻ مونکي ئي ڄاڻج تنهنکري.
۷-۰۷ ترُ ٻہ مونکان وَڌڪ، اَرجُن! ناهہ هستي ڪاءِ ٻي،
آ ٻَڌلُ مون ۾ جَڳتُ مالا مِثل موتينُ سَندي.
۷-۰۸ ²نيرَ ۾ رَسُ، سجَ چنڊَ چمڪَ، اومُ ويدن جي اَندر،
مَردَ ۾ مردانگي، آوازُ مان اُڀ جي اَندر.
۷-۰۹ خشبوءِ ڌرتيءَ جي اَندر ۽ تيجُ اَگنيءَ جو ٻہ مان،
تَپسويءَ جو تپ تِيان ۽ جِيو جو جيونُ ٻہ مان.
۷-۱۰ ڄاڻُ مون، اَرجُن! اُهو ٻِجُ اُتپتي پھرين جِتان،
سمجَھ سياڻن جي وَ جُلوو جُلويدارن جو ٻہ مان.
۷-۱۱ زورُ زورآور سندو مان موهہ ۽ ممتا ٻِنان،
مان اُها مَنَ ڪامنا جا ڌرم جي آڏو نہ آ.

اوم شري پرماتمنہ نمہ

اَڌياءُ اَنون

اَرجُن چيو:

٨-٠١ اي پُرشوتمَ! ڇا ته برهمُ آ
كَرمُ اَڌياتمُ ڇا ته ڀلا،
ڇا مطلب اَڌيڀُوت سَندو؟
آهي سو اَڌديوُ ته ڇا.
٨-٠٢ ڪَنهنکي ٿا اَڌيگيہ چَون؟
ديهہ اَندر سو ڪِئن ٿو ٿئي،
ڪِئن پائي تُنهنجي ته سُڃاڻپ
اَنت سَمي چِتُ جُڙيلُ جو ٿئي.

شري ڀڳوان چيو:

٨-٠٣ پار برهمُ اَوناسي آ؛
جيوُ اَڌياتمُ ڀاوُ سندس،
سرشٽيءَ جي پئدائش رُوپي
هَوَنُ چوائي ڪَرمُ سندس:
٨-٠۴ اَڌيڀوتُ نَتوَ- فاني ڪوناشِ،
پُرشُ اَندرَ اَڌديوُ ٿِئي،
اي اَرجُن! اَڌيگُ مانِ آهيانَ
سدا اَندر جو ديهہ هلي.
٨-٠٥ ويلَ پڇاريءَ ديهہ ڇڏي ٿي
جنهن مونکي سمريو آهي،
سو مُون سان ئي مِلي اَچي ٿو
شَڪُ اِن ۾ ڪوئي ناهي.

٧-٢٥ يوگَ مايا سان ڍڪيلُ اَوناسُ ۽ ڄِنَ جَنمُ مان،
ڪونہ تو پرگھٽُ ٿِيان مَان مورکَن اَھڙن اَڳيان.
٧-٢٦ ٿِي چُڪا يا اَڄُ بہ آھن يا وري ٿيندا ڪڏھن،
جيوَ سي مان سڀ سُڃاڻا، مون سُڃاتو ناھِ ڪنھن.
٧-٢٧ موھَہ نفرت جي ڪري ڀيدا ۾ اُلجھي سڀُ ويا،
جَنم کان ئي موھجي، اَرجن! وڃي ڀرمَن پيا.
٧-٢٨ پر ٿيا جِن پاپ پورا پُنيہ جا ٿا ڪُرم ڪَن،
اَڇن ڀيدا کان تہ ٻاھر، چِتُ پڪو مون ۾ جَھلِن.
٧-٢٩ جي اَچي مُون شرڻ چاھِن موڪُ پيڙھيءَ موٽ کان،
ڄاڻَ پورڻ برھم سان ڪَن ۽ اَڌياتَم، ڪرمَ سان.
٧-٣٠ روپُ مون اَڌيوت سان، اَڌديو ۽ اَڌِ يگيہ سان،
جنھن ڏٺو، سومرڻ مھل بِہ مون ڏِسي چِتَ جُڙيَل سان.

---

١. ڌيانُ يوگ، ٢. پاڻيءَ ٣. پرڪرتي، ٤. موھُہ نفرت جھڙا وڪار ۽ واسنا پئدا ڪندڙ وشيون، ٥. سنساري پدارٿ گُھرڻ وارا، ٦. مون کي سڃاڻڻ جي اِڇا رکندڙ.

Space donated in loving memory of
Late Shri Uttam Hirdasing Ajwani
by his brother Shri Gobind Ajwani & family

٨-١٥ پرمَ سِڌ پائي، مِلي مون سان ڇُڪو سِڌ پُرشُ جو،
ٻي ٻفعا ۽ ڏُکن گهرُ وَرَ وَرَ جَمڻُ تنهن لاءِ نہ ٿيو.
٨-١٦ لوڪَ سَڀُ برهم لوڪَ تائين جَنمَ ڦيري ۾ ڦِرنِ.
پر اَچي مون سان ملڻ تي جَنمَ ڦيرا ٿا ڇُٽنِ.
٨-١٧ ٿئي يُگن ڏهہ سؤ برابر ڏينهن هِڪُ برهما سَندو،
راتِ پڻ ٿئي اوتري، اِنَ ڄاڻُو وَقتُ بہ ڄاڻندو.
٨-١٨ غَئبُ ڌاري ٿو وجُودُ نہ ڏينهن جي شروعاتَ ٿئي،
ٿئي وجُودُ نہ غئَب ٿو برهم راتِري ٿي ليڪجي.
٨-١٩ آ اِها جَڳَ جوڙ جا وَرَ وَرَ ٿهي ۽ ٿئي خُتمَ،
رات جي ايندي ڊَهي، اُپجي وري ٿئي ڏنهُن اُتم.
٨-٢٠ غَئِبَ اِن کان پڻ پَري ٻيو جو سناتنُ غَئِبُ آ،
ناسُ ٿئي هرڪا نہ هَستِي پر نہ ٿيو سو ناسُ آ.
٨-٢١ غَئِبَ تنهن اَوناس کي پائِڻُ پَرمُ - گَتِ ٿا چوَن،
پهُچندي جتِ موتَ ناهي ڌامُ سو منهنجو سَڌن.
٨-٢٢ ڀاوَ ڀڳتيءَ سان مِلي سو پرمُ - پَدُ پَرماتِما،
جڳُ سَمايو آهہ جَنهِن ۾ جو جڳتَ جي آتما.
٨-٢٣ ويلَ جنهن ۾ مرڻَ سان يوگيءَ ڇُٽي ٿو آگَمَنُ
سا چوان ۽ ويلَ سا جَنهن ۾ جَنمُ ۽ ٿئي مَرَڻُ.
٨-٢٤ جوتِ، اَگني، ڏينهُن ۽ پَکُ شُڪُلُ، اُترايڻُ هُجي،
ويلَ اُن ۾ جو مَري سو برهمُ لهي برهمُ چيتِندي.
٨-٢٥ راتِ، ڌُنڌُ ۽ ڪرشڻُ پَکُ ۽ جي نہ ڏکِرايڻُ هُجي،
ديهہ تياڳڻ تي لَهي [1]چَنڊ - جوت [2]يوگي ٿو وَري.
٨-٢٦ گَتِ شڪُلُ ۽ گَتِ - ڪرشڻُ جڳ جون ٻَئِي آهِن ڳڻيوُن،
هَڪَ اَندر موٽڻُ نہ ٿئي، ٻيءَ ۾ وَرَنِ ٿا ديهِيوُن.
٨-٢٧ ڄاڻندي مارگَ ٻَئِي، [3]يوگِي نہ ڦاسي موهہ ۾،
تنهن ڪري رَهُہ لَڳلُ، اَرجُن! مَنُ جهلي تون يوگَ ۾.

٨-٠٦ سمرندي جنهن پاوَ کي تو اَنت ۾ جو ديه ڇڏي،
سو کري حاصِلُ اُهو ئِي سوچندي تنهن پاوَ کي.
٨-٠٧ تنهن کري، اَرجُن! سدا رَهُ ڌيان مهنجي، يُڌ بہ کر،
مَنُ بُڌي اَرپڻُ کري آخر مِلين موُن شڪُ نہ کر.
٨-٠٨ ڌيان يوگي مَنُ لڳائي جي کندي چِنتُن ويا،
سي پرمَ جوتي پُرکُ ۾ لَءِ وجي آخر ٿِيا.
٨-٠٩ سَپُ ڄاڻيندڙُ سَپَ کان سوُکيمُ.
آدي راڄُ کندڙ سَپَ تي،
سَپَ جو واهِي، کري اُجالو،
پر نہ سگهي جنهن کو پرکي.
٨-١٠ اَنتَ کالَ ۾ پکتي پاوَ سان
پراڻَ جَهلي پِروُنِ وِچِ ۾.
يوگُ جَڳائي جَنهن ڌيايو تَنهِن
پاتو پَرمُ پُرکُ چِنَ ۾.
٨-١١ ويدِي اوئنڪارُ ٿا کوٺِن،
يوگِي جِتِ يَتنَن پَهچي،
برهمچارِي جنهن لءِ ترِڦن ٿا،
سمجهايان سو پَدُ توکي.
٨-١٢ تاکَ اِندريُن جا کري بَندِ مَنَ کي ايکاگرُ کندي،
پراڻ روکيندي مَٿي ۾ يوگَ کي ڌارڻ کندي.
٨-١٣ جو اُچاري اوم کي منهنجو کَري سمرڻُ سچو،
ديهَ تياڳڻ تي اُهو تو پرمُ پَدُ پائي وڃو.
٨-١٤ نِتُ مَگَنُ مون ۾ ڌِيائيندو سدا مونکي رَهي،
سو پَکو يوگِي تو، اَرجُن! سَهجُ ئِي موُن سان مِلي.

اَڌياءُ نائون

شري ڀڳوان چيو:

٩-٠١ راز وارو گيانُ، اَنيو جو ڏياري موڪشُ تو،
نُڪتچيني نا ڪندڙ! توسان سلبان سو رازُ تو.
٩-٠٢ گيانُ شاهي، رازُ شاهي، پاڪُ، دائم ۽ اُچو،
ڌرمَ - پُختو، لاڀُ پڌرو، هلڻ جنهن تي نا ڏکيو.
٩-٠٣ جو رَکي شَرڌا نَٿو، اَرجُن! ڌرم جي گيانَ تي،
پيو ڦِري مرتيوءُ چڪر ۾، نا ڪڏهن مون سان مِلي.
٩-٠٤ نِراڪاري مان سڄي سنسار ۾ وياپڪُ رَهان،
مون اَندَر هرڪو اُپايلُ پر نہ مان تِنِ ۾ وَسان.
٩-٠٥ نا رَهي مون ۾ تہ ڪو، ڏسُ، يوگ سان پالڻُ ڪيان،
نا رهان ڪنهن جي اَندر تہ بہ سڀ اُپَجِ جي آتما.
٩-٠٦ جئن هوا سڀ هَنڌ ڦِري پر آ سدا آڪاش ۾،
تِئن سڄو سِرشٽيءَ چڪرُ منهنجيءَ ٿئي آغوش ۾.
٩-٠٧ ڪَلپُ ٿئي پُورو پرڪرتيءَ ۾ سمائن جيوَ سڀُ،
مان نئين سِر موڪليان تِنکي، شروع ٿئي نئون ڪَلپُ.
٩-٠٨ هِن چراچر جڳت کي پئدا پرڪرتيءَ سان ڪيم،
جنم، مرتيوءُ جي چڪر ۾ جيوَ سڀ بيوَسِ رَکيم.
٩-٠٩ پر نہ هيءُ منهنجا ڪرم، اَرَجُن! ڪڏهن مون کي بَڌَن،
جو تہ چاهيان موتَ نا ڪا ۽ رڪان چنتا نہ مَن.
٩-١٠ پرڪرتي پنهنجي جڳائي مان اُپايان جيوَ تو،
وَسِ پرڪتيءَ جي رهِي بيوسِ سڄو سنسارَ ٿيو.
٩-١١ بيعَقُلَ مونکي منشَ تَنَ جي اَندر ليکن نٿا،
ايشورُ هر جيوَ جو مان، روپُ سو جاڻِن نٿا.

۸-۲۸ يَگَ ڪرڻ، تَپَ، دان جو ويدن چيو آ ڦَلُ اُتمُ،
پر پَري تنهن کان وَڃِي يوگِي لهي ٿو پَدُ پَرمُ.

---

۱. پترن جو مارگُ يا دُنيوي رستو. ۲. سَڪام (ڦَلُ جي اِڇا سان) ڪرم ڪندڙ يوگي، ۳. نِشڪام (ڦَلَ اِڇا نہ رکي) ڪرم ڪندڙ يوگي.

۹-۲۵ ديو پوڄن پتر پوڄن يا تہ پوڄن ڀوَتَ جي،
سي وڃن تنهن لوڪ ۾، مون ڀڳتُ مون سان ملي.

۹-۲۶ پريم سان جيڪي ڀڳتُ ڏي، گُلُ، پَتو، ڦل، فقط جَلُ،
سڀ ڪٽي ڪانوان خوشيءَ سان جو بہ شرڌا سان ڏنلُ.

۹-۲۷ جو ڪرين، ڪائين، هون ۾ جو وڃهين، ڏين دانُ يا،
جو ڪرين جپُ تپُ بہ، ارجُن! ڪر مونکي اَرپڻُ سدا،

۹-۲۸ اِن طرح شُڀَ اَشُڀَ ڦلَ ڪان ٿي ڇُٽَلُ، يوگي بَٽِين،
ڪرم جي سنياس دوارا مُڪت ٿي مون سان جُڙَين.

۹-۲۹ مان سڀن سان هڪ برابر مون نہ ڪوُڙو ڪو مٺو،
پر سنياري پريم سان جو نِتُ رهي مون سان گَڏيو.

۹-۳۰ ڀَلُ هُجي پاپِي مگر هڪَ مون مٿان ويساهِ ٿَسِ،
سوبہ ساڌوُ ليکجي نِشچو پکو چاڪاڻ ٿَسِ.

۹-۳۱ سيگهہ ٿِي ڌرماتما مَنَ جو لَهي ٿو سُکَ سچو،
نا وري ڪِرندو ڪڏهن، ارجُن! اِهو رايو پکو.

۹-۳۲ ڀَلُ هجي ڪو پاپ جوُڻيءَ، [3]وئش، شودر، اِستري،
پائِندو بيشڪ پرم پَدُ جنهن شرڻ منهنجي جهلِي.

۹-۳۳ ڪئن نہ پوءِ ڌَرمِي. گيِاني ڀَڳتُ مونکي پائندو،
تون بہ ڪوُڙا سُکَ دنيا جا ڇَڏ، مِٺا! وٺُ موُن اَجهو.

۹-۳۴ مَنُ رکِي موُن ۾ ڀَڄنُ ڪَر، نِمُ سدا منهنجي اگيان،
آتما جوڙي موُن سان پائِيجَ پنهنجو پرماتما.

---

۱. منزل، ۲. پرليہ وقتِ پراڻين جا سڀ قسم ٻج روپ ۾ جنهن ڀنڊار ۾ رهن ٿا تنهن کي نِڌان چيو ويو آهي، ۳. وئش يعنيٰ هر ڳالهہ ۾ آرٿڪ لاڀ کي ئي مهتو ڏيڻ وارو مَنُ، شودر يعنيٰ گدِلو ۽ آلسي مَنُ، اِستري يعنيٰ موهہ ممتا ۾ ڦاٿل من. اِهي ٽيئي مَنَ جون اوستائون پاپ جوُڻي مَڃيو ويو آهي.

٩-١٢ تُنهِجُ اِڇا سان تُنهِجُ ڪرم ڪَن تُنهِجُ ٻُڌيءَ وارا ٿِين،
موهہ ۾ وِجهندڙ ٿئي ٿي آسُري طبعت سندن.

٩-١٣ پر خُدائِي گُڻَ ڪٽي منهنجا، سياڻا ڀڄنُ ڪَن،
مُوُلُ ڄاڻي جڳت جو مونکي، اَندر مون چِتُ ڏَرِن.

٩-١٤ ڪيرتنُ منهنجو سدا ڪَن، مون اَندر شرڌا رکن،
يتن ڪَن پيا ورتَ ڌارين مَنَ اَندر منهنجي لڳن.

٩-١٥ گيانَ يڳَ دوارا پوڄيندڙَ روپُ هِڪُ مون کي ڏِسن،
اَلڳ روپَن ۾ ڏسن ۽ وِشوَ روپي مون مَڃِن.

٩-١٦ مان وِڌي، مان يَڳُ، مان اَرپڻُ، سڀُ جَڙيُون ٻوٽيون بہ مان،
اَگنِي، آهوتي بہ مان ۽ مانءِ مَنترُ، گِهُہ بہ مان.

٩-١٧ مان پِتا، ماتا جڳت جو، جڳ کي ڌاريندڙ بہ مان،
اومُ ۽ سَڀُ ويد آهيان، پاڪُ ڄاڻڻ جوڳُ مان.

٩-١٨ اُگتِ، وسِيلو، سانءِ، ساکِي، مان اَجهو مان ئي وَٿاڻُ،
آدِ جڳ جو اَنتُ پڻ مان ئي وَجَهہ مان ئي نِڌانُ.

٩-١٩ مان ئي تَپجِي تو چِڪيان مِنهُن، مان ئي ورڪا تو ڪَيان.
مان اَمرتا مان ئي مرتيوُ، سَتُ اَستُ مان ئي ٿِيان.

٩-٢٠ ويد ڄاڻُو، سومُ پِئندڙ پاپ بِنَ ٿي يڳيہ ڪَن،
سُرڳَ جي مَنَ ۾ اِڇا، سُرُلوڪَ ۾ سَڪَ سي لَهَن.

٩-٢١ سُرڳُ ڀوڳِي پُڃ پيٽي، ٿا وري واپس وَرِن،
ڪرم ڪانڌي ڪامنا وَسِ آگمنُ ڪندا رَهِن.

٩-٢٢ پر ڌيائِن مون رڳو منهنجِي رکِي جي ڪامنا،
هر ضرورت ۽ حِفافت تِنِ سندي منهنجي مٿان.

٩-٢٣ جيِ جپن ٿا ديوَ ديويون من اَندر شرڌا رکي،
ڪَنِ اُهي پڻ ڀڳتي منهنجي پر تريقو نا صَحيِ.

٩-٢٤ ڇو تہ ماڻيندَڙُ وَ مالڪُ مان سندن جپَ جو رهان،
پر سُڃاڻنِ مون نہ ٿا، ور ور لنگهن دُنيا منجهان.

جُن چيو:

۱۰- پارُ برهمُ تون پَرَمُ پوتِرُ
رشي چوَن تو ڌامُ پرمُ،
دائمُ قائمُ تون هَر جائي
ديوَن جو تون ديوُ اُتَمُ.

۱۰- ڳائِن مَهما تُنهنجي اَهڙي
مُني اَسِتُ ۽ نارَدُ پِڻ،
۱ ديولَ، ۲ وياسَ رشيءَ پڻ ڳائي
ڳائين تون خودِ هاڻي پڻ.

۱۰- مَڃان اِهو سَڀُ سَچُ ڪيشوَ! مان
تون نہ ٻُڌائين مون جيڪي،
ڪونہ سَگهيا اِن دَئتَ ديوَتا
روُپَ نہ تُنهنجي ڪي سَمجهي.

۱۰- تون خالِقُ تون مالڪُ جَڳَ جو
ديوَن جو تون ديوُ مَهان،
تون پُرشوتمُ، تون ئي جاڻي
تون ئي سُڃاڻين پَنهنجو پاڻ.

۱۰- تون مُڪمَلُ ڳُڻَ چَئي، اَڌڪارَ سان پَنهنجا سَگهين،
جي ڪَٽي وياپڪ سَڀنِ لوڪَن اَندر تو تون رَهين.

۱۰- ياوُ رُخُ ڪَهڙو مان، سانءِ! ڌيانَ ۾ تُنهنجو رَکي،
نتُ ڪيان چنتنُ نہ، يوگيشور! سَگهان توکي رَسي.

۱۰- چَئُہ وَري مهمَا نہ پَنهنجي، يوگَ جو تون رازُ چَئُہ،
ڊاپجي مُنهنجو نٿو مَنُ، مَڌُرُ پَنهنجا ٻولَ چَئہ.

ي ڀڳوان چيو:

۱۰- ٻُڌُ پِلا، اَرجُن! اِلاهي حِڪمتون پَنهنجون چوان،
اَنتُ نا پائي سَگهي جِنِ جو نہ ڪو، سوئِي سليان.

۱۰- آتما، اَرجُن! اَندر هَرڪَنهن سدا موجود مان،
آد مان ۽ وِچُ بہ مان ۽ اَنتَ ۾ پِڻ مان ئي مان.

اَڏياءُ ڏهون

شري ڀڳوان چيو:

١٠-٠١ ٻُڌُ مهاٻلوان! جيڪي ڪُڇُ اَمولڪُ مان چَوان،
چاهہ تُنهنجيءَ ڪي ڏسي مان لاڀَ تنهنجي لَءِ ڏسيان.

١٠-٠٢ ڪيرُ ڄاڻي اُتپتي مُون، نارشي نا ديوتا،
ڇو تہ باني تِن سڀِن جو، مُون ڪَئي شروُعاتَ آ.

١٠-٠٣ جَنهن اَنادي، جنمَ بِنَ، مالڪُ-سڀِن مُونکي مڃيو،
دوُر موُرکتا تِئي تَنهِن، مُڪتِ پاپَن کان بڻيو.

١٠-٠٤ هوشُ، سُرتي، سَمجهَہ، سَچُ ۽ وَسِ ڪَرڻُ اِندريوُن وَمَنُ،
ڀاوَ سُکَ دُکَ ۽ ديا جا، ڊَپُ نَڊَپُ، مرتيوُ جَنَمُ،

١٠-٠٥ دُکُ نَہ ڏيڻُ، سَنتوشُ، سَمتا، دانُ تَپُ يا جَسُ گِلا،
سَڀُ اُتِنِ موُن مان اِهي جي ڀاوَ آهن مَنُشَ جا.

١٠-٠٦ مَهرشي سَتَ، سَنَڪَ سَندَنَ چار، چوڏهَن تِيا مَنوُ،
سَڀُ ٻِيا اولاد جِن جِي، سي ڄِميا اِن موُن مَنجهوُن.

١٠-٠٧ جَنهِن سُڄاتو سارُ مُنهنجو يوگَ ٻَلَ ۽ گيانَ جو،
تَنهن رَهي نِتُ ڏيانَ ۾ پاتو مَزو ميلاپَ جو.

١٠-٠٨ موُن مَنجهان اُتپتُ، وَڌي موُن مان ۽ پيبو جِنسارُ هِي،
رازُ سو سَمجهِي سِياڻو نِتُ ڪري مون بَندگِي.

١٠-٠٩ جو رَکي چِتُ موُن ۾، پنهنجا پراڻَ نَذرانو ڪَري،
پيبو پروڙي موُن سدا ۽ نِتُ پَچَرَ مُنهنجي ڪَري،

١٠-١٠ پريمَ سان جو ڀَڳتُ اَهڙو نِتُ رهي مون ۾ مَگَنُ،
مان ڏيان ٻُڌ - يوگُ تَنِهن، جئن سيگهہ موُنسان ٿِئي مِلڻُ.

١٠-١١ مان رَکي هَٿُ مَهرَ جو ٿو واسُ ڀڳتن ۾ ڪَيان،
سَڀُ ڪَڍي اوندهہ سَندنِ، مان گيانُ روشنُ ٿو ڪَيان.

۱۰-۳ اَکرنِ ۾ مان اَکرُ اَلفَ جو،
جوڙيل شبدن ۾ [۳۳]جُتُ آن،
اَوناسِي وَ اَننتُ [۳۴]ڪالُ مان،
وِشوَ مُکي تي جَڳُ پاليان.

۱۰- موٽُ جَنمُ هر ناهہ سَندو مان،
جَسُ، بَرڪَتَ جهِڙا گڻَ مان،
مان بُڌِ سُڌِ ۽ بولُ حافظو،
پُختگِري ۽ مان کِميا،

۱۰-۳ سام ويدَ ۾ ڏُنِ بِرهَتَ جي،
آءُ ڇندن ڇَندُ گايتِري،
اَندر مُنڌَنِ آهيان بَهارُ مان،
مَهنَن مَهنو ناهيري،

۱۰-۳ دولابيُنِ ۾ تِيان جُئا مان،
تيجَسويءَ جو تيجُ ٿيان،
سوڀَ ٿِيان، نِشچو بہ ٿِيان مان،
سُنَنِ سُنائي هرڪا مان.

۱۰-۳ [۳۵]ورشِڻَ وَنسَ ۾ واسُديوُ مان،
آءُ پانڊوَنِ ۾ اَرجُن،
شُڪراچارُ اَندر [۳۶]ڪويُنِ جي،
ويد وياسُ مان مَنجِهہ مُنيُن.

۱۰-۳ ڏنڊُ ڏيندڙَ جو ڏَنڊو ٿِيان مان،
نيتي آن جيتِيندڙَ جي،
گيانيُنِ ۾ مان گيانُ چوايان،
گُپتِ گُجهنِ جي ماٺِ پَکي.

۱۰-۳ آ نَهِي سرشٽي سَببِ جَنهن سو سبَبُ، ارجن! بہ مان،
جيوُ يا جَڙُ ناهہ اَهِڙو هَستِي جَنهِنجِي موُن بِنان.

١٠-٢١ [٣] آدتيُن ۾ آهيان وِشڻُو، [٤]مارُوُتن [٥]مارِيچُ مان،
مان سَپِن جيوتيُن ۾ سورجُ، مان گرهَن ۾ چَندرَما.
١٠-٢٢ [٦] سامُ آن ويدَن اَندر، ديوَن اَندر ٽيان اِندرُ مان،
مَنُ ٽِيان اِندريُن اَندر، پراڻين اَندر مان چيتنا.
١٠-٢٣ شِوُ اَندر [٧] رُدرَن، پهاڙَن جي اَندر آهيان [٨] سُمير،
مان [٩] وَسُن ۾ [١٠] آگ، راڪاسَن يڪَن ۾ مان [١١] ڪُبير.
١٠-٢٤ فوجدارن ۾ اِندرَ جو [١٢] ڪارتِڪُ سئناپتِي،
مان جَلَن ۾ سَمُندُ آهيان، ڪُل گُرن ۾ [١٣] ورهسپتِي،
١٠-٢٥ مَهرشيُن ۾ ڄاڻُ [١٤] پِرگُوُ، شبدَ ۾ موُن [١٥] اومُ ڄاڻُ،
اَٽَلتَا ۾ مان هِماليَه، جَپَن ۾ جَپُ - يَگُ موُن ڄاڻُ.
١٠-٢٦ ديوَرشينُ مَنجهه[١٦] نارَدُ، وَڻَن ۾ مان ٽيان پِپَلُ،
مان [١٧] گندرِوَن منجهه[١٨] چترَٿُ، سِڌَن ۾ آهيان [١٩] ڪَپِلُ.
١٠-٢٧ [٢٠] اُچئشرَوا اَندر گهوڙن نِڪتو جو اَمرت مَنجهان،
مان اَندر هاٿينُ [٢١] اِراوَتُ، مانوَن راجا ٽِيان.
١٠-٢٨ مان هَٿيارَن ۾ [٢٢] وِجُرُ ۽ گرِيدارَن [٢٣] ڪامُ مان،
[٢٤] ڪامڌينوُ گئن ۾، سَرپَن اَندر [٢٥] واسوُڪُ مان.
١٠-٢٩ جل چَرَن ۾ مان [٢٦] وَرُڻُ ۽ [٢٧] شيشُ مان ناگَن اَندر،
[٢٨] اَريَما پِترن اَندر، [٢٩] يمُ راج شاهن جي اَندر.
١٠-٣٠ مان ٽيُس [٣٠] پهلادُ دَئِتَن ۾، مَيادِين [٣١] ڪالُ مان،
مان [٣٢] گَروڙُ پَکيُنَ اَندر ۽ پَسُن ۾ مان شينُهن آن.
١٠-٣١ مَگَرُ مَڇيُن ۾، صَفائِي ڪَرَڻ وارن ۾ هَوا،
رامُ شَستَرَ ڌاريُن ۾، مان نَنديُن اَندر گنگا.
١٠-٣٢ مان اَرجُنَ! شروعات تاهه جي
مان وِچُ آهيان مان پِڻ اَنتُ،
اَندر وِديائُن وِديا آتم جي،
بَحِثَن ۾ مان سارُ بَحثُ.

جو اُچارڻ يا ڳائڻ جو نريقو سام ويد ۾ آهي. اِنکري ئي ڀڳوان پاڻ کي ويدن اَندر سام ويد مڃيو آهي. ٧. سرشٽيءَ ۾ جيکي اَنيڪ وِناسُ ليلائون ٿين ٿيون اُنهنجا ديوتا رُدرَ آهن، ٨. پُراڻَن ۾ ڄاڻايل جاگرافيءَ موجب ميروُ يا سُمبرُ پروت پرٿويءَ جي وچ ۾ هئو، ٩-١٠ اَنن قسمن جي باهين جا عيوضي وَسوُ چوائيندا آهن. اُنهن سڀني ۾ سريشٽ اَگني ديوُ يا پاوَڪُ نالي باهه پوتر کندڙ باهه مڃي ويئي آهي، ١١.وئشرَوا رشيءَ کي يَک (يکش) پتنيءَ مان ڪُبير ۽ راڪاس (راڪشس) پتنيءَ مان رواڻ، ڪنڀڪرڻ ۽ ڀڀيشڻ پتر پئدا ٿيا هئا. تنهن ڪري يک ۽ راڪاس ٻنهي ۾ پائر ليکيا ويا آهن. ڪبير پنهنجي سريشٽ سڀاوَ ڪارڻ ديوتائن جو خزانچي بڻيو، ١٢. ڪمار ڪارتِڪيئه (ڪارتڪُ) ڀڳوان شنڪر جو ماتا پارونيءَ مان اُنپن پُٽ آهي جنهن کي گنگا پالي وڏو ڪيو ۽ جو دئتن جي سنگهار لاءِ ديوتائن جي سينا جو سيناپتي بڻيو هئو، ١٣. ديوتائن جو گروُ، ١٤. منو جو پٽ ڀرگوُ سنن مهرشين ۾ سريشٽ مڃيو ويو آهي هيءُ جوتش وديا جو نرماتا آهي. هن جو ڀرگو سنگيتا نالي جوتش شاستر ڪافي پرسڌ آهي، ١٥. سرشٽيءَ ۾ گونجندڙ اَنحَدُ شبدُ اوم مڃيو ويو آهي، ١٦. برهما جي مَنَ اُپج (مانسپتر) رشي نارد آهي. تنهن ڪري پُراڻن ۾ ڀڳوان جي اِڇا کي نارد دوارا ئي پرڪٽ ڪرايو ويو آهي. ١٧.١٨. ديو لوڪ ۾ ديوتائن کي ناچ گاني سان وندرائيندڙن کي گندروَ چيو وڃي ٿو ۽ اُنهن ۾ اِندر دربار جو هڪ اُتم گائڪ چتررٿُ ٿيو آهي، ١٩. سانکيه ياگيان يوگُ جنهن جو ورنن گيتا ۾ به ٿيل آهي اُن جو رچيندڙ مُنِي ڪَپلديو هڪ سڌ پرش ۽ وڏو فيلسوف هئو، ٢٠-٢١ اَمرت پراپتيءَ لاءِ ديون ۽ دئتن دوارا کير

۱۰-۴۰ ڪُجھُ ٻُڌايم حِڪمتُون تو چاھہ تُنھنجي ڪي ڏسي،
پَر نہ آھي ڳَڻَپَ ڪائِي مايا منھنَجي آ وَڏي.
۱۰-۴۱ تيجُ ٻَلُ ۽ ڪا وَڏائِي جنھن بہ شيءَ ۾ تُون ڏسين،
سَمجُھہ تَنھِنکي اَنسُ مُنھنَجو چَمَڪَ جيڪا تون پَسين.
۱۰-۴۲ اِنَ وَڏِي تَوَن ڄاڻَ مانِ، اَرجُن! ڪندين حاصِلُ نہ ڇَا،
ڄاڻُ بَسِ، مُنھنجي جُزي ڌارڻ ڪيو سَنسارُ آ.

سپترشي : هلندڙ وَئِوَسوَت منونتر جا ست مهرشي آهن:
اَتري، ڪشيپ، گوُتم، جمدگني، ڀَردواج، وَسِشٽ، وشوامِتر
چار پرتِمِ برهم ڪمار: سَنَتَ ڪمار، سنڪ ڪمار، سناتن
ڪمار، سَنندَن ڪمار.
چوڏانهہ مَنوُ: ۱. سوايمڀوَ، ۲. سواروچِش، ۳. اُتم، ۴. تامسر
۵. رَئِوَت، ٦. چاڪشوُش، ۷. وَئِوسوَت، ۸. ساورڻِ، ۹. دڪش
ساورڻِ، ۱۰. برهم ساورڻِ، ۱۱. ڌرم ساورڻِ، ۱۲. ردر ساورڻِ
۱۳. رَوُچيہ، ۱۸. ڀوُتيہ.
۱. هيءُ ديول رشي سنڌ جو ديول رشي جنهن ڀارت ڪي
آخري سمرتي 'ديول سمرتي' ڏني هئِي سونہ آهي. هيءُ
مهاڀارت ڪال جو رشي آهي جو اَسِتَ جو پٽ هئو ۽
پانڊون جو پروهت هئو. ۲. هيءُ وياس رشي مهاڀارت جو
ويد وياس نہ آهي پر پراڻن ڪال جو وياس آهي جو
ڌرم شاستر ڪارُ هئو ۽ جنهنجا وياس سمرتي ۽ ٻيا ڪيئي
گرنٿ پرسڌ آهن. ۳. اَدِتيءَ مان ديوتائن جي اُتپتي مڃي
ٿي وڃي تنهن ڪري وشڻوءَ سميت سڀني ديوتائن ڪي
آدتيہ چيو ويو آهي. ۴.۵. ماروُتَ هوائن جا قسم آهن
جن ۾ طوفان جو عيوضي ماريچ مڃيو ويو آهي، ٦. رگ
ويدُ چئني ويدن ۾ پراڻو ليکيو ويو آهي. اُن جي منترن

چوڻ جي ترتيب جنهن ۾ ٻه يا وڌيڪ لفظن کي جوڙي هڪ لفظ ٺاهيو ويندو آهي ۽ سمجهڻ لاءِ وري اُن ٻنڌيل لفظ جو ڇندي وڇيد يا ٻنڌ کولڻ جو ڪم ڪيو ويندو آهي. اهڙن ٻنڌيل لفظن ۾ ٻن لفظن جي جوڙ کي جُٽ (دَوند) چيو ويو آهي جو جوڙڻ ۾ به آسان ۽ ٻنان توڙڻ جي ئي سمجهه ۾ ايندو آهي، ٣٤. سلوڪ ٣٠ ۾ ڪال شبد وقت جي ماپي لاءِ ڪم ۾ آندو ويو آهي. هت ڪال جو اَرٿ سمورو وقت آهي، ٣٥. يادَو جاتيءَ ۾ هڪڙو يَدوءَ جي پٽ ورشڻيءَ جو ورشڻ ونس ٿيو آهي. ڪرشڻ جو پتا وَسُديو اُن ڪل ۾ پئدا ٿيو هئو تنهنڪري ڪرشڻ کي وسديو پتر واسديو ۽ ورشڻ ڪل جي سنتان وارشڻي به ڪوٺيو ويو آهي، ٣٦. سنسڪرت ڀاشا ۾ ڪوي شبد جي معنيٰ سياڻو آهي. ڀڳوان ڪرشڻ ڀرڱو رشيءَ جي پٽ ۽ دئتن جي گُروءَ شڪراچاريه کي سياڻن ۾ سريشٽ مڃيو آهي.

ساگر جو منٿڻ ڪيو ويو هئو جنهن ۾ اَمرت ڪان اڳ ۱۳ ٻيا پدارٿ نڪتا هئا. اُنهن ۾ ٻن پَرَن وارو اُڏامندڙ گهوڙو اُچئشروا ۽ سفيد رنگ جو هاٿي اَئراوَتُ نِڪتا هئا، ۲۲. دئتن کي مارڻ لاءِ رشي دَڌيچِ جي هَڏين مان تيار ٿيل ديوتائن جو هٿيار وجر (وڄ) ڪوٺيو ويو آهي. ۲۳. ڪامديو جنهن کي سمڀوگ ڪامنا جو ديوتا مڃيو ويندو آهي. ۲۴. ڪامڌينو گاءِ به اَمرت منٿن مان پراپت ٿي هئي جا رشي وَسشٽ کي ڏني ويئي هُئي، ۲۵. هڪ ڦَڻِ وارن نانگن کي سرپ يا سانپ چئبو آهي. اَمرت منٿن مهل جنهن سرپ (سانپ) کي ميروُ پروت جي مانڌاڻيءَ جي رَسِي ٺاهيو ويو هئو اُهو واسُوڪ نالي سانپ هئو، ۲٦. پاڻيءَ جو ديوتا جنهن کي پاڻيءَ اَندر رهندڙ جيون (جلچرن) جو به ديوتا مڃيو ويو آهي سو آهي وَرُڻَ ديوتا، ۲۷. هڪ کان وڌيڪ ڦَڻن وارن نانگن کي ناگ چيو ويو آهي. هزار ڦَڻن وارو نانگ جنهن مٿان ڪير ساگر ۾ وشڻو ڀڳوان سدائين سمهيل ڏيکاريو ويندو آهي اُن جو نالو شيش ناگ آهي. ۲۸. جيڪي آتمائون جنم مرڻ جي ڦيري مان ڇٽڪارو نه ٿيون پائن سي ٻيو جنم وٺڻ تائين پترلوڪ ۾ واسُ ڪن ٿيون. پترلوڪ جو ديوتا اَريَما آهي، ۲۹. يم لوڪ جو راجا، ۳۰. پهرين دئت راجا هرڻيڪشيپ جو پٽ پرهلاد يا پهلاد پنهنجيءَ ايشور ڀڳتيءَ ڪارڻ اِندر پد پراپت ڪندڙ دئت ٿيو آهي، ۳۱. مياد يا عمر ماپڻ وارن جو ماپو جنهن کي سائنسدان ڇوٽون ماپو چوندا آهن سو آهي وقت يا ڪال ۳۲. گُرڙُ يا عقاب پکي ڀڳوان وشڻوءَ جو واهن آهي. هيءُ وِناتا جو پٽ آهي تنهنڪري هن سنسڪرت شلوڪ ۾ هِنکي وئَنَتييَه چيو ويو آهي، ۳۳. سنسڪرت ڀاشا جي سونهن آهي لفظن کي پاڻ ۾ جوڙي

١١-٠٧ ننڊَ جيتينڊرَ ارجُن! ڏسُ تون
وشِوُ اندر مُنهنجي سارو،
پڻ ڏسُ چاهين ٻيو جو ڪُجھُ تون
دَرسُ اَڳيان تُنهنجي نيارو.

١١-٠٨ پَرَ مُمڪِن تو لاءِ ڏسَڻُ نا،
اِنَ چمڙي جي اَکِيُن سان،
وَٺُ، ڏيان توکي نيڻَ اِلاهي
ڏسُ مُنهنجي تون يوگَ مَٽيان.

سَنجيہ چيو:

١١-٠٩ اِئَن چَئي، مَهراجَ! يوگيشورَ هريءَ ظاهرُ ڪَيو،
روُپُ شاهاڻو اُتَمُ، ارجُنَ ڏِسَڻُ جو تي گُهريو.

١١-١٠ مُکَ هُئا رُخَ سيڪڙون ۽ نيڻَ گهوُرينڊڙ گهڻين،
ماڻِڪَن موتينُ سَجيَل هَٿَ پُر هٿيارَن سان ڪَئين.

١١٠١١ عِبرَتي پَهِراڻُ مالائُن سُگَنڌي سَان ڍَڪيَلُ،
ديوُ روُپُ وراٽُ هئو، بِنَ آنتَ هئو عَجِبن ڀَريلُ.

١١-١٢ روُپ هئو سو تيجَ وارو نِرمِرايو تَئَي اَکيُن،
حالُ هئو اُنوقتِ اَهڙو سِجَ هَزارين جَڻُ ٻَرَن.

١١-١٣ سَڀُ ڏٺا برهماندَ ارجُن پنهنجي پنهنجي جاءِ تي،
مَهل اُن موُجوُد اُتِ اُنَ روُپَ ۾ ڀڳوان جي.

١١-١٤ عَجَبَ اَچرَجَ ۾ پيو آنندَ ۾ گَد گَد ٿيو،
سِرُ جُهڪائي هَٿ ٻَڌِي اَرجنَ پريوءَ کي هِئَن چيو.

اَرجُن چيو:

١١-١٥ پريو! سَمايلَ ڏسان ديوتا
پراڻِي سَڀُ تُنهنجي اَندر،
مهاديو، برهما ڪَمَلَن تي
رشِي، ناگَ تُنهنجي اَندر.

اوم شري پرماتمنہ نمہ

اَڌياءُ يارهون

اَرجُن چيو :

١١-٠١ رازُ اَڌياتم جو ڳُوڙهو تو ،
مالِڪَ ! مُون سان آهِ سَليو ،
مِهرَ ڪَئي خاصِي مُون تي تو ،
اَڄ مُنهنجو تہ اَگيانُ وَيو .

١١-٠٢ اُتپتُ تئي ۽ ناس تَئي ڪِئَن
جڳُ سارو اَڄُ مُون ڄاتو ،
ڪَمَلَ نَيَنَ ! جِئَن تو تہ ٻُڌايو
دائمُ جَسُ تُنهنجو ڄاتو .

١١-٠٣ اي پريو! تُون رُوپُ پَنهنجو جِئَن چَوين مان تِئَن مڃان ،
چاهَہ ٿَم سو تيڄَ وارو رُوپُ نيڻَن سانَ ڏسان .

١١-٠٤ سو لڳي جي آهِ مُمڪِن لاءِ مون دَرشَنُ ڪَرڻُ ،
ڪَرِ پرگهٽُ تُون رُوپُ اَوناسي ، پريو ! چاهيان ڏسڻ .

شري ڀڳوان چيو:

١١-٠٥ ڏيانُ ڏئي ، پارٿ ! ڏسُ مَنهنجا
رُخَ اَلوڪِڪ سَوين هَزار ،
مان ڏيکاريان ڊوَل اَنوکا ،
رَنگَ رَنگيلا رُوپَ اَپار .

١١-٠٦ وَسوُ ، آدِتي ، رُدرَ ٻہ ڏسجانءِ
مارُتَ ، اَشُني ۽ ٻہ ٻِيا ،
پارت ! ڏسُ اِچرجَ اَهڙا جي
پَهرِين تو تہ ڪَڏهِن نہ ڏٺا .

مارُت، سِڌَ، راڪاس، پِتَرَ پڻ
ڏسي رُوپُ تو مُنجهي پيا.
۲۳-۱۱ اَٺيٽتَ مُک، نيڻَ، ڏانُوِن، پيتَ، هٿَ چنگهون ڏسي،
اي مَهاٻلوانَ! ٽرڪَن لوڪَ، ٽرڪي دل مُنجي.
۲۴-۱۱ گگنُ ڇُهَندڙُ رُوپَ تُنهنجو، نيڻَ چڻُ جوالامُکي،
تو ڏُٺي ڌيرجُ وَ ڌپَ ڪان دِل وَئي، وشنُوُ! سُکي.
۲۵-۱۱ ڏندَ پيانڪُ، مُکَ ٻرندڙَ، هونش ڏسندي پيا وَڃن،
مَنُ دُکي ٿئي، جڳت پالڪ! مهرَ جا هٿرا ڪَين.
۲۶-۱۱ سؤتَ سَپُ، راجا سپيئي، دروڻُ، پيشَمُ ۽ ڪَرَڻُ،
تو ڏسان هرڌُر جي ويرن جو اَندر تُنهنجي وَڃڻُ.
۲۷-۱۱ چِپڄَندا تُنهنجي ڏَندَن ۾ چٽجندا بيوس وَڃن،
گهرڪَندا ۽ سَرڪندا تيزيءَ وچان گهُسندا وَڃن.
۲۸-۱۱ جِئَن نَنديُن جا وهڪرا وَهندا وَڃن سَپُ سَمُنڊَ ۾،
تِئَن پَوَن پيا وير تُنهنجي مُکَن-اَگنيءَ-ڪُنڊَ ۾.
۲۹-۱۱ جِئَن پتنگا پاڻَ ساري، ناس ٿين جوتيءَ مَٿان،
تِئَن پَوَن تو ۾ نہ ڇڪجي مُک سپيئي جِت ڪِٿان.
۳۰-۱۱ باهہ جوَن نِڪري مُکَن مان ٿيون جيُون چشڪو وٺن،
تيجَ تُنهنجي جا اُلا تا جَڳُ تپائي ناسُ ڪَن.
۳۱-۱۱ او پِينڪرَ! ڪيرُ تون، ڪهڙو اِرادو تو رَکين،
چاڻَ ڏي مُون، مان نِمان تو، ٻاجهہ ڪَر مونتي ڏٺين.

شري ڀڳوان چيو:

۳۲-۱۱ ڪالُ مان، اَرجُنَ! ڪُهڻَ جو اَڄُ اِرادو تو رَکان،
مار تُون نا، نہ بہ مَرَڻَ وارا اَٿي سَپُ سُورمان.
۳۳-۱۱ جيت دُشمنُ، پاءِ جَسُ ۽ ماڻ راجائي اُٿي،
مار تِن ٻَٽجي وَسيلو مُئَلَ جي پهرين اَٿي.
۳۴-۱۱ دروڻُ، پيشَمُ يا ڪَرَڻ يا جئدرَٿُ يا ٻيا ٻَلي،
مُئَل جاٽي مُون هٿان سَپُ، مار تِن، ٿئي تو پَلي.

١١-١٦ ڪَئين ڏسان مُکَ، پيتَ، اَکيُون ۽
رُوپَ ڏسان ٻانهُون ڪيئي،
وِشوَرُوپُ بيحَد تُنهنجو جَنهِن
آدُ نہ، وچُ نا اَنت ڪوئِي،
١١-١٧ ڏسان مُڪُٽُ مَستَکَ تي تُنهنجي
گدا، سُدرشنُ هَٿَن سُنهَن،
تيجَ - رُوپُ سِجَ باهہ جِيان جو
ڏسي نيڻَ چَڪچوندَ ٿِيَن.
١١-١٨ پَرَمُ سَناتَنُ رُوپُ ڏسان تو
جَڳَ جو آهين تُون تہ نِڌان،
ڌَرمَ جو رَکشَکُ تون اَبِناسي
دَرشَنُ تُنهنجو آهہِ مَهان.
١١-١٩ آد اَنتَ بِنَ، مَهابَلي! تو
نيڻَن ۾ سِجَ چَندَ چمڪَن،
اَکيچارُ ٻانُهن وارا! مُکَ
تُنهنجي مان باهيون لِپڪن.
١١-٢٠ سُرڳَ مرتَ لوڪَن وِچ ۾ هَر
طَرف پَکاريَلُ رُوپُ وِشال،
ڏسي، پريو! سو دَرسُ نِرالو
لوکَ ٿِيَن ٿيئي بيحال.
١١-٢١ هَٿَ جوڙي ڏَکندا ڪرندا پيا،
وَڃَن ديوَ ديويُون تو ۾،
رِشي، سِدَ 'ڪلياڻُ ٿِئي' چَئي
ڳائِن مَهِما گيتَن ۾.
١١-٢٢ رُدرَ، آدِتي، ساڌ، وَسُو ۽
اَشنيي، يَکَ، گَندَرو، پِيا،

شري ڀڳوان چيو:

۴۷-۱۱ تو خاطر، اَرجُن! مون ورتو
يوڳ ٻَل سان روُپُ وَڏو،
ڪونہ ڏٺو ڪنھن آ اڄ تائين
وشوَ-وياپي روُپ اِهو

۴۸-۱۱ هُجي تَپَسوي ڪرم - ڪانڊي ڪو
جو نہ هُجي داني پاني،
مَنُش لوڪ ۾ تو بِنَ، اَرجن!
ڪنھن نہ ڏٺي اهڙي جھانڪي.

۴۹-۱۱ ڏڪُ نہ، ڏسِي حئرانُ نہ ٿيَ تون
روُپُ ڀيانَڪ تو ڇَڏيان،
ڪَرِ دَرشنُ گد گد ٿي هاڻي
روُپ چَتُرڀُجُ تو ڏَريان.

سنجيہ چيو:

۵۰-۱۱ اِئين چَئِي اَرجُن کي، راجن!
روُپ ڪِشِنَ پنھنجو مَٽيو،
سَهِميلَ صوُرتَ، ٻَنَلَ وير کي
واَسُديوَ ڌِيرجُ بَخشيو.

اَرجُن چيو:

۵۱-۱۱ پريوُ! منوهَرُ مَنُشَ روُپُ تو
ڏسِي ٻَهارِي ٿئي مَنَ ۾،
وَرتان مان بِنَ ٻَپَ وَ ٻاءَ جي
سانت مِلِي آهي چِتَ ۾.

سنجيہ چيو :

١١-٣٥ وَچَنَ اَهڙا ڪرشِنَ جا اَرجُنَ مُڪُٽُڌاري ٻُڌي،
سِرُ نِوائي خوفُ کائِي هِٿَن ڪري ٿو اُستتِي.

اَرجن چيو :

١١-٣٦ جَئہِ پريو! جئہ جئہ ڪري جَڳُہ خوش ٿِئي، واجِبُ اِهو،
ڊَپَ وچان راڪشسَ ڀڄَن ۽ سِڌَ نمِن تُنهنجي اَڳيون.
١١-٣٧ ڪِئَن نہ جِڳُ توکي نمي، تُون اُمر تُون ئي پار برهمُ،
سَتَ اَسَتَ کان تُون پَري، توئي ڏنو برهما جَنمُ.
١١-٣٨ تُون پُرانَنُ پُرش آدي ديوُ جَڳَ جو آسرو،
ڄاڻي، ڄاڻَڻَ جوڳُ، سُکَ جو ڌامُ، جَڳُ تو ۾ ڪَڙو.
١١-٣٩ تُون وَرُڻُ، يمراجُ، اَگني، وايوُ، چَنڊُ، پرجا پَتي،
تُون پِتا جو پِڻ پِتا، مانَ ٿو نِمان تو وَرَ وَري.
١١-٤٠ مان نِمان توکي اَڳيان، توکي پُٺيان هر طَرفَ کان،
شڪتشالي سَروَ - وياپي رُوپُ پيو تُنهنجو ڏسان
١١-٤١ 'اي ڪِشِنَ! اي يَار يادَوَ!' هٺَ حُجَتَ مان توچيُم،
ڄاڻندي مَهِما نہ تُنهنجي جو بہ ڪُجهُ بيجا(غ) ڪيُم،
١١-٤٢ جي ڪَيَم چَرچا اَڪيلائِپ وَ مَحِفل جي اَندر،
معاف ڪَج گُستاخيوُن، اَچيُتَ! هُئَس مان بيغبر.
١١-٤٣ تُوِن گُرَن ۾ گُرُ وڏو ۽ پوُجنييہَ جَڳَ جو پِتا،
ناٿُ تُون تِرلوڪَ جو، توکان مَٿي ٻيو ڪونہ آ.
١١-٤٤ مان ڪِري چَرنن گُهران معافِي، اِئين معافي مِلي
يارُ مِتَ کي، پيءُ پُٽَ کي، جِئَن پَتي پتنيءَ ڏئي.
١١-٤٥ اڻڏٺَلُ هيءُ روُپُ ڏسندي ٿئي خوشي پَر ڊَپ بہ ٿئي،
ايَ دَيالوُ! ڌار پَنهَنجي اُن سُهاڻَل روُپ کي،
١١-٤٦ مُڪُٽُ پَهريَل، شنکُ، چڪڪَرُ، پَدمُ ۽ ڌاري گدا،
ڏي چَتُر ڀُڄُ دَرسُ پَنهنجو، وِشوَ موُرَتَ ڇِڏ اِها.

اوم شري پرماتمنہ نمہ

اَڌياءُ ٻارهون

اَرجُن چيو:

١٢-٠١ جو مَڳَنُ اِنَ روُپَ ۾ يا جو نِرَنڪاري جَپي،
ڇَئَہ ٻنهِي مان سَرسُ ڄاڻُو يوگَ جَو ڪَنهِن ليکجي.

شري ڀڳوان چيو:

١٢-٠٢ ڀَڳتُ جو موُن ۾ رَکِي مَنُ ڌيانَ مُنهنجي ۾ رَهي،
سو سَگُڻَ پريمِي سَيِنِ ۾ يوگَ وارو سَرسُ ٿئي.
١٢-٠٣ ۽ جپي جو ٿو اَچَلُ، آوناسُ، بِنَ آڪارَ کي،
سَروَ-وياپي، دائمِي، سوچَڻَ ۽ وَرنَنَ کان پَري؛
١٢-٠٤ سو سَنيَمُ مَنَ تي رَکِي، سَمَ ڀاوَ سان سَڀِنيَ ڏسي،
۽ ڪَندي ڪلياڻُ سَڀ جو پڻ اَچي موَن سان مِلي.
١٢-٠٥ پَر نِرَنڪاري-ڀَڳت جي سَاڌَنا ڪَشٽَن ڀَري،
ديهہ ڌاريءَ واسطي بِنَ-ديهہ جي ڳولها ڪَڙي.
١٢-٠٦ سوجِي اَرپي ڪَرمَ مونکِي ڀَڄَنَ مُنهنجي ۾ رَهن،
ترپ جِن موَن سان مِلڻَ جي ڌيانُ نتُ مُنهنجو ڌَرِن.
١٢-٠٧ چِتُ لڳائِن موُن اَندر تِن جو بِلو مُنهنجي مَٿان،
پاَر ڀَو-ساگَرُ لَنگهايان، ڀَڪَ اِها، اَرجُن! ڏيان.
١٢-٠٨ تَنهَنڪري موَن ۾ رَکِين جي مَنُ ٻُڌي ڀُڳتِي ڪَري،
ميل ٿئي مون ساڻُ تُنهنجو، شَڪُ نہ ڪو اِن ۾ رَهي.
١٢-٠٩ پر نٿو جي تُون تہِ، اَرجُن! مَنُ مُ سان جوڙي سَگهين،
ٻَڌِي تون اَڀياسَ-يوگي سعايو ڪَر مُ سان مِلين.
١٢-١٠ جي ڏُکيو اَڀياسُ سَمجهين، ڪَر ڪَرم مون سَمرپَڻُ،
ڪَرمَ ڪَندي لاءِ مون، مُمڪِنِ اَٿي مُون سان جُڙَڻُ.

شري ڀڳوان چيو:

١١-٥٢ تو ڏٺو جو روُپُ، اَرجُن! آ ڏسَڻُ دُرلڀُ اُهو،
ڪَنِ سدا سَڀُ ديوتا تَنهن ديدَ لءِ سعايو گهڻو.

١١-٥٣ نا مِلي دَرشنُ اِهو ڪنهَن ويدَ پڙهندي، تَپَ ڪَندي،
نا ڏسي ڪو، جو ڏٺو تو دانَ پُڇَ يا يَڳَ ڪندي.

١١-٥٤ پَر مِلي ٿو دَرسُ تَنهن ۽ تَتوَ جو پڻ بوڌُ ٿئي،
جو ڇَڏي سَڀُ خيالَ مون ۾ چتُ، پرنتپ! ٿو ڌري.

١١-٥٥ ڪَرمَ اَرپي، نامُ ڌيائي، موُن سهاري نِتُ رَهي،
موهُ ۽ ڀيائي ڇَڏي، اَرجُن! اُهو مون سان مِلي.

اَڌياءُ تيرهون

اُرجُن چيو:

۱۳-۰۱ چا پُرُشُ، چا پرَڪرِتي ۽ چيترگيہ، چيترُ بہ چا،
گيانُ چا ۽ چا تہ ڄاڻَڻَ - جوڳُ، ڪيشو! چئُہ صَفا.

شري ڀڳوان چيو:

۱۳-۰۱ ديهہ [۱] چيترُ آهہ، اَرجُن! ڄاڻندڙ تَنهن چيترگيہ،
ڇَوَنِ گياني تا اِئين ڄاڻِنِ جي چيترُ چيترگيہ.
۱۳-۰۲ چيتَرنِ سَڀني اَندر هڪ چيترگيہ تون ڄاڻ مُون،
ڄاڻ چيترَ چيترگيہ جي گيانُ آ، آ راءِ مُون.
۱۳-۰۳ جو وَ جهڙو مَتِسَنِ سان جئن سو چيتر آ بڻيو،
اَثرَ وارو چيترگيہ پڻ، سَرسَري تُون ٻُڌُ مُ ڪون.
۱۳-۰۴ جئن چيو ڇندن وَ مَنترن سان رشين هِڪُ ڪري،
برهمَ سُوترن آ اُچاريو تَرڪَ سان پُختو ڪري.
۱۳-۰۵ اَهمُ، ٻُڌ، [۲] پنج تَتَ ۽ مَنُ [۳] ڏهن اِندرين سان جُڙِي،
[۴] پنج وشيُون، [۵] مُولُ سبرَتَ نِنِ گُڻِنِ مان جا نهِي.
۱۳-۰۶ چاهہ، نفرت، دَردُ، سُکُ ۽ پَکڙ وشين، [۶] چيتنا،
[۷] اَنگ ڪُلُ اِئن [۸] مَتِسَنِ سان چيترَ جي ڪَنِ ڪَلپنا.
۱۳-۰۷ گيانُ آ [۹] شُڌتا، نماڻپَ، پُختگِي ۽ اَهنسا،
آتمَ جَهلَ، سيوا گُرُوءَ، کِميا، نمَرتا، سَرلتا.
۱۳-۰۸ پڻ ڇَڏڻُ آپو وَ وشُبنِ - ڀوڳُ، ڀُولهڻ [۱۰] ڏوهہ ڪي
جَنمَ ۾، منجهہ موُت، پيرڙهيءَ ۽ اَندر ڏُک روڳَ جي.
۱۳-۰۹ گيانُ وَرتَڻُ موهہ - بنَ، گهر ٻار جي ممتا ڇڏِي،
گيانُ چِتَ جو سَنتُلَنُ آ، پَلُ پَلءِ [۱۱] جيڪِي پوي.

۱۲-۱۱ جي لڳي سؤلو نہ سو، منهنجي شرڻ ۾ آءُ تون،
وَس رَکي پنهنجو اَهمُ هَر ڪَرمَ جو ڦَلُ تياڳُ تون،
۱۲-۱۲ ڄو نہ آ اَڀياس کان وَڌ گيانُ، وَڌ تنهن ڌيان آ،
ڌيانَ کان وڌ تياڳُ ڦلَ جو، سانتِ جِتِ تتڪال آ.
۱۲-۱۳ ٻِنَ ٻيائيءَ پيارُ ڏي جو، آسَ ٻِنَ ڏي جو دَيا،
هِڪُ ڪري ڏُکُ سُکُ مَڃي ۽ ٻِنَ اَهمَ ڏي ٿو ڪِميا.
۱۲-۱۴ پاڻَ تي قابوُ، سَدا سَنتوش، ٿَس نشچو پَڪو،
مَنُ ٻُڌي اَرپي مُ ڪي، تَنهن پيارَ سان موُنکي ٻَڌو.
۱۲-۱۵ نا ڏياري جوشُ ڪَنهِنکي، نا اَچي خود جوشَ ۾،
دَپَ، خوشيءَ ۽ ايرکا کان جو پَري، پيارو مُ کي.
۱۲-۱۶ نا ستائي گُهرجُ جَنَهنکي، جَڳَ اَندر نِرليپُ جو،
صافُ، ماهِرُ پَر اَڪَڙ- ٻِنَ، سو ڀڳت پيارو مُ جو.
۱۲-۱۷ نا خوشي، نا ڪَنهن ڌڪارڻُ، نا ڪري چنتا، اِڇا،
شُڀَ اَشُڀُ تياڳي لَڳَلُ ڀڳتيءَ اَندر، پيارو مَڃا.
۱۲-۱۸ يارُ وئري، مانُ ۽ اَپمانُ جنهِن کي هِڪُ لڳي،
گرمي سَردي، سُکُ وَ ڏُکُ پڻ هڪ ڏِسي، نا موهِجي،
۱۲-۱۹ آ گِلا شوڀا بَرابَر، مَنُ ڪيوَ آ ماٺِ جَنهِن،
حالَ هَرَ سَنتوشُ جَنهِن، اَرجُن! ڪيان مان پيارُ تَنهِن.
۱۲-۲۰ جي چَکِن هيءُ ڌرمَ- اَمِرتُ بيانُ جنهنجو تو اڳيان،
پاڻ ڪَنِ موُن کي سَمرپڻُ، پيارُ مان تِنِ سان ڪَيان.

١٣-٢٣ گُڻن واري پرڪرتي ۽ پُرُش کي سمجهي ائين،
جنم، ڦيري ڪان ڇٽي ٿو منش جئندي جئن وڃين.
١٣-٢٤ ڌيانَ جي ڪي، گيانَ جي ڪي، ڪي ڪرم جي يوگَ سان،
آتما دوارا ڏسن پنهنجي اَندر نِجُ آتما.
١٣-٢٥ پر ٻيا جن گيانُ ناهي ڪن عبادت [٢٠] ٻين ٻُڌي،
آسري وچنن ٻُڌل جي هوُ وڃن ٿا پار ٿي.
١٣-٢٦ ڪُڇُ ٻه چُرندڙُ يا نه چُرندڙُ ٿو جڏهن هستي وٺي،
سمجُهه اَرجُن! ڇيترگيه جو ميلُ ڇيترَ سان ٿئي.
١٣-٢٧ سو ڏسي ٿو جو پَسي پيو سڀَ اَندر پرماتما
ورتندو سَمُ ڀاوَ سان اوناس کي منجهه ناسوان.
١٣-٢٨ جو سمايلُ جِتِ ڪِٿي سَمَ ڀاوَ سان صاحبُ ڏسي،
نا مٽائي خود خوديءَ کي، پَرمَ گتِ سؤلي لهي.
١٣-٢٩ ۽ ڏسي سوئي پَسي جو ڪَرَمُ ڪندو پرڪرتي،
اَڪرتا ٿئي آتما جو ڪُڇُ ڪري سو پَرڪرتي.
١٣-٣٠ سڀُ نِرالي ڀاوَ وارا هوُ ڏسي هڪ ۾ جڏهن،
۽ ڏسي ڦهلاءُ هڪ مان، ٿي پوي خود برهم تڏهن.
١٣-٣١ آد - بِنَ ۽ نِرگُڻي اَوناسُ وينلُ ديهه ۾.
سو نه ڪَرتا ٿئي ڪڏهن، اَرجُن! نه ڦاسي موهه ۾.
١٣-٣٢ آهِ جئن آڪاش ڦهليلُ پر نه ڦاٿلُ آ ڪِٿي،
آتما تِئن ديهه ۾ رهندي نه ڦاسي ٿي ڪِٿي.
١٣-٣٣ روشني جئن هِڪ ئي سوُرجُ ڏئي سڀي برهمانڊ کي،
ڇيترَ مالِڪُ ڇيترگيه سڀني اَندر تِئن جوت ڏئي.
١٣-٣٤ فَرڪُ ڇيتَرَ ڇيترگيه ۾ گيانَ نيترَ سان ڏسي،
جو ٿِيو مايا پري، اَرجُن! پرمُ تنهن پراپتي.

---

٢٠. ديهه کي ڇيتر (کيتر) يعنيٰ زمين ٽُڪَرُ ڪوٺيو ويو
آهي ڇو جو جئن زمين ۾ پوکيل ٻج وقت اَچڻ تي ڦٽِجي

١٣-١٠ گيانُ ڀڳتي ڏيانُ مون ۾ من سنديون جوڙي تَندون،
گيانُ آهي چاهہ جا مَحفِلَ ڇڏي ڳولهي [١٢] ڪُنڊون.
١٣-١١ گيانُ [١٣] سُرتي روحَ جي هرهنڌ [١٤] سچو سائين ڏسي،
آ اِهو سڀ [١٥] گيانُ، اَرجُن! اُبتو اِنَ [١٦] اَگيانُ ٿئي.
١٣-١٢ جو ضروري آهِ ڄاڻَڻُ، ڄاڻندي اَمرتُ مِلي،
سو سَلبان جو سَتُ اَسَتُ نا، پر اَنادي برهمُ ٿئي.
١٣-١٣ اَڻَ - ڳڻِت پيرَنِ هٿَنِ ۽ مُنهن نيڻَن سان سَجَيلُ،
آهہ جنهن ويڙهيو سڄو سَنسارُ جو سَندَسِ رَچيلُ.
١٣-١٤ ڄاڻندڙُ اِندريُنِ گُڻِن کي پر سدا تِنِ کان ڇُتَلُ،
موهہ - بِنَ سڀُ ٿو جَهلي، ماڻي بہ ٿو پَرَ نا بَڌلُ.
١٣-١٥ آ اَندر ٻاهر سَمايَل، جيوُ يا پَلُ جَڙُ هجي،
آ پَري، ويجهو بہ آ، سوُکيمُ نہ جنهن ٻُڌ ٿي ڇُهي.
١٣-١٦ آ اَندر هرڪنهن جُدا، نوڙي نہ وَنڊجَڻَ جو ٿِئي،
ٿو سنڀالي هوُ سڀنِ، هوُ ئي جَنَمُ ۽ موُت ڏئي.
١٣-١٧ جوتِ هوُ جوتيُن سَندي، اوُندهہ پري هنکي چوَنِ،
ڄاڻ، ڄاڻَڻَ جوڳُ هوُ جنهنکي اَندر گياني لَهَنِ.
١٣-١٨ اِئَن چوَنِ ڇيترُ، چوَن ٿا گيانُ، ڄاڻَڻَ جوڳُ جو،
ڄاڻ اِنَ سان ڀَڳتُ منهنجو لَءِ لَهي موُن اَندر ٿو.
١٣-١٩ پرڪِرتي ۽ پُرُشُ يا جو ڇيترگيہ اِنِ آدِ بِنَ،
گُڻَ وڪارنِ جَنَمَ داتا آ پرڪِرتي، سُمجهہ اِئَن.
١٣-٢٠ سِلسِلي سَبَ [١٧] ڪاريہ - ڪارَڻَ جو پرڪرتي سَبَبُ آ،
ڀوڳُ سُکَ ڏُکَ جو ڪرڻ ۾ پُرُشُ ئي هڪُ سَبَبُ آ.
١٣-٢١ پُرُشُ ويهي پرڪِرتيءَ ۾ ڀوڳي گُڻَ اُتپَنُ اُتان،
گُڻِن - سَنگُ ئي ٿو لنگهائي پُرُشَ کي جوُڻين مَنجهان.
١٣-٢٢ ديهہ ۾ پر اُنَ پَري جو پُرُشُ تنهن [١٨] ساکِي چوَنِ،
[١٩] حامِي، ماڻندڙُ، رَضامندُ ۽ پرمُ - آتم چوَنِ.

همُ مَنُ ۽ ڏهہ اندريون اهي تيرهان ڪارڻ مڃيا ويا
هن. انهن ٢٣ جو ئي نرماڻ پرڪرتيءَ مان ٿيو آهي،
ا. پرش يا جيو آتما رڳو ڇيترگيہ يعنيٰ ڇيتر جو ڄاڻو
ہ آهي پر هوُ ڇيتر (ديهہ) جي ڪرمن جو ڏسندڙ يعنيٰ
ساکي بہ آهي. ١٩- حمائتي يا پستي ڏيندڙ ٢٠. سنت،
ِهاتمائن جو پروچن ٻُڌي.

Space donated in sweet memory of
Shri Jiwatram Shahani & Smt. Devibai Shahani
by their son Shri Vishnu Shahani and family
and well wishers.

پرگهٽ ٿئي ٿو تئن پُراڻن جَنمن جا سَنسڪار بہ وقت اَچڻ تي ديهہ مان ڪرمن جي روپ ۾ پرگهٽ ٿين ٿا، ٢. آڪاش، وايو، اَگني، جل، پرٿوي پنج مهايوت يا مها تتو چوائيندا آهن، ٣. پنج گيان اِندريون: ڪَنَ، اَکيون، نَڪُ، چپَ ۽ چمڙي ۽ پنج ڪرم اِندريون: واتُ، هٿ، پير، ڪام اِندري ۽ گُدا، ۴. پنج وشيوُن: شبد (آواز)، روپ، گنڌ (بوء) رس (سَوادُ)، سپرش (ڇُهَڻُ)، ۵. ستو، رجو ۽ تمو گُڻي پرڪرتيءَ جي اَثر هيٺ نهيل منش جو بنيادي سياءُ، ٦. شرير جي جيون شڪتي (پراڻ وغيره)، ٧. سمپورڻ اَنگن وارو اِستوُل پندُ يا شرير، ٨. سلوڪ ۵ ۽ ٦ ۾ چاڻايل تَتوَ، گُڻَ ۽ جذباتون (ڪُلُ ٣٠) ۽ ايڪٽيهون اِستول پنڊ اِهي سڀ ملي چيتر يا ديهہ چوائن ٿا. اِنهن جي ميلاپ ۾ ڦير گهير ڪرڻ سان يعنيٰ مَتستن سان انيڪ آڪارن ۽ وڪارن (يعنيٰ قسمن) وارا چيتر نرماڻ ٿين پيا، ٩. تن ۽ من جي شڌتا، ١٠. جمڻ، مرڻ، ٻڍاپو ۽ بيماري وغيره کهڙن ڏوهن يا ڪميُن جي ڪارڻ ٿين ٿا ان جي ڳولها يا چنتا بہ گيانُ مڃيو ويو اهي- اِن گيان جي چنتن سان ئي سڌارٿ گوتم ٻڌَ جي پدوي پراپت ڪئي هئي. ١١. وڻندڙ يا اَڻوندڙ ١٢. ايڪانت، ١٣. اَڌياتمُ يا آتم گيانُ روح جي سُرت ٻڌجي ٿو، ١۴. هرهنڌ پرماتما ڏسڻ تتو گيان آهي، ١۵. سلوڪ ٧ کان وٺي سلوڪ ١١ تائين چاڻايل منش جون خاصيتون گيانيءَ جا لڇڻ آهن تنهن ڪري گيانُ آهن. ١٦. مٿي چاڻايل خاصيتن جي اُبتر جيڪي اوڻايون ٿينديون جئن تہ هٺ، گيربُ، هِنسا، گهر ٻار جو موهہ وغيره اگيانيءَ جا لڇڻ چوائبا تنهنڪري اگيان ئي ڪوٺيا ويا آهن ١٧. پنج تتوَ ۽ پنج وشيونُ اهي ڏهہ ڪاريہ (ڪارڻ جو اثر) مڃيا ويا آهن ۽ ٻُڌ

۱۴-۱۲ گُڻَ رجو وڌندي وڌي لالچ وَ مشغولي وڌي،
۽ وڌي ڪرمن جي ڌانڌَل، يوڳ لاءِ مَنُ نرڦجي،
۱۴-۱۳ گُڻُ تمو، اَرجُن! وڌي تانَ اَندر ۾ اونده وڌي،
ڀرمَ اُٿِن، سُستي وڌي، لاغرضُ مَنُ بڻجي پوي.
۱۴-۱۴ گُڻَ ستو وڌندي پرليہ جنهن ديهہ ڌاريءَ جي ٿِئي،
گيانَ واري آتما سا لوڪُ اُتَم ٿي لهي.
۱۴-۱۵ پرليہ ٿئي جنهن، گُڻَ رجو ۾ مَحنتيُن ۾ ٿئي جَنَمُ،
گُڻَ تمو ۾ پرليہ ٿي جِن، محنتين ۾ ٿئي جَمَڻُ.
۱۴-۱۶ ساتِوڪُ جي ڪرمَ ٿين تَا ساتِوڪُ ڦل تا ڏين،
راجسِڪَ مان ڏُکُ مِلي ۽ تامسِڪَ تا ٻُڌ ڪَسِن.
۱۴-۱۷ ساتوڪُ گُڻُ گيانُ ڏي ٿو، راجسڪ ڏي لوڀُ ٿو،
گُڻَ تمو جي وڌڻ سان ٿي ڀرمُ، نشو، اگيانُ ٿو.
۱۴-۱۸ ساتوڪُ رَهڻي اُتاري، راجسڪ وچ ۾ رکي،
تامسڪُ رهڻِي ٿي ڪيري، جوُڻ پنتي ٿي وڃي.
۱۴-۱۹ وقتَ جنهن اَنيو ڪري ڪو گُڻَ بنان ڪرتا نہ ٻيو،
سمجهہ تنهن مون کي سُڃاتو گُڻَ پري، مون سان مليو.
۱۴-۲۰ جو مَٿي ٽئي ٽِن گُڻن کان ديهہ آ جِن مان نهِي،
موتَ، جَمَ، پيرڙهَيءَ، ڏُکنِ کان جَلدُ هوُ پائي ڇُٽِي.

ارجُن چيو:

۱۴-۲۱ او پريوُ! ٽَس لَڇڻَ ڪَهڙا جو پَري ٿيو گُڻن کان،
۽ سندسِ وَرتاءُ ڪَهڙو، ٿيو پري ڪِئَن گُڻنِ کان.

شري ڀڳوان چيو:

۱۴-۲۲ روشنيِ، مَشغولي ۽ جي ڀرَمُ اُڀري رَنجُ نہ ڪَنِ،
۽ ٿيِن جي ٿيئي غائبُ، ڪانہ ڪائي اونَ ڪَنِ.
۱۴-۲۳ جي رَهَنِ بي فڪر ٿيِ تا، گُڻَ نہ هِرڪائي سگهن
گُڻَ ئي پيا ورتن، اِهو اِئن ڄاڻندي ڏُنِ ۾ رهن.

اوم شري پرماتمنہ نمہ

اَڌياءُ چوڏهون

شري ڀڳوان چيو:

١۴-٠١ اُتمُ گيانن ۾ پَرمُ جو گيانُ دوهرايان وري،
چاڻ جنهنجيءَ سان دنيا مان وِيا مُنِي ڪيئي تَري.
١۴-٠٢ آسري اِن گيان جي، جو رُوپُ مَنهنجي ۾ مِلي،
نا ڄَمي ڄڳ جي نهڻ سان نا پرلئہ وياڪُل ڪري.
١۴-٠٣ مَهَت برهمُ يا پرڪِرتي ٿي گرڀدانِي، گربُ مان
جِتِ رَکان، جنهن مان ٿِئي پئدا سمورو هيءُ جهان.
١۴-٠۴ مُورتُون، اَرجُن! ڏسين سنسار ۾ جوڻيُن سڀنِ،
مَهت برهم ماتا تِنهين جي، مان پِتا آهيان اُنهنِ.
١۴-٠٥ ٽِنِ گُڻيِ مايا مان اُتپنُ سَتُ وَرَجُ ۽ تَمُ ٽِيَنِ،
ديهہ ۾ وينل اَمر کي ديهہ ۾ ٽيئي ٻَڌن.
١۴-٠٦ تيجُ روشنُ گُڻُ سَتو نِرملُ، وڪارَنَ جي بنان،
ٿو ٻڌي هوُ جيوُ سُکَ ۽ گيانَ جي زنجير سان.
١۴-٠٧ گُڻُ رجو آ موهُہ، پئدا حرص ترشنا کي ڪري،
ڦل اِڇا دوارا ڪرم سان جيوَ کي، اَرجن! ٻڌي.
١۴-٠٨ گُڻُ تمو اَگيانُ آ، لڳي جيوَ کي ٿو موهڻو،
ننڊَ، آلسَ ۽ نَشي سان جيوَ کي جڪڙي گهڻو.
١۴-٠٩ گُڻُ سَتو سُک سان ٻڌي ۽ ڪَرم سان ٿو گُڻُ رجو،
گُڻُ تمو سان گيانُ ڍڪجي، مُنُ نَشي ۾ ٿئي اَنڌو.
١۴-١٠ سَتُ وڌي رَجُ تَمُ دَٻڻ ٿي، رَجُ وڌي تَمَ سَتَ گهٽي،
تَمُ وڌي ٿو جيوَ ۾ سَتُ رَجُ جڏهن هيٺو پوي.
١۴-١١ روشني ٿئي گيانَ جي هِنَ ديهہَ ۾ هرَ دوارَ مان،
سمجهُہ، اَرجُنَ! ٿيو اِئين آ گُڻُ سَتو جي واڌِ کان.

اَڌياءُ پندرهون

شري ڀڳوان چيو:

۱۵-۰۱ چوَن اَوناسي [1] پپَلُ جنهن هيٺ ٽاريون [2] جَڙَ مٿي،
ويدَ پَنَ تين، ڄاڻندڙ سو [3] ويدَ ڄاڻوُ کوٺجي.
۱۵-۰۲ ڦهلندڙ ٽاريُن [4] قوتَ ڏين گُڻَ نہ وشيوُن مُکڙجن،
هيَٺ تيوُن [5] پاروُن ڪرِن جي ڪَرمَ سان ماڻهوءَ ٻڌن.
۱۵-۰۳ نا ڏسڻُ ٿئي روُپُ اُنجو، اڳُ نہ پُڇُ نا ٿانءُ ڪو،
نہ ٻہ ڪَٽي وئراڳ ڪَپَ سان وَڻَ ڪڙو مظبوط جو،
۱۵-۰۴ ڳولهجي تنهن پَرمُ پَدَ کي، نا جتان ڪوئي وريو.
مان شرڻ اُن پُرُش آديءَ جي جِتان وستارُ ٿيو.
۱۵-۰۵ ڪامُ، مَدُ، ڀرَمُ، موهُہ ڪاٽي جي اَڌياتم ۾ لڳا،
سُکَ دُکَن ڀِڏا ڪڍي سياڻا پرم - پد کي پُڳا.
۱۵-۰۶ جِتِ نہ سِجَ چندُ باهہ جو ڪوئي اُجالو ٿو ڪيي،
جِتِ وڃي موٽي نہ ڪو سو ڌامُ منهنجو پرمُ ٿئي.
۱۵-۰۷ اَنسُ مُنهنجو دائمي ئي ديهہ ۾ ٿو جيوُ ٿئي،
۽ رَهي مايا اَندر ڇيو مَنَ وَ اِندريُن کي ڇڪي.
۱۵-۰۸ ايشورُ سو ديهہ مان ٻيءَ ديهہ ۾ جڏهين وَڃي،
ڇَڪُيلُ سَڀُ نِئي پاڻَ سان ٿو جِئن هوا خوشبوُ ڪٺي.
۱۵-۰۹ ڪَنَ، اَکيون، چمڙي، زبان ۽ نڪُ جي ٽيون پنج اِندريوُن،
تِنِ وَ مَنَ جو جيوُ مالڪُ ٻڻجي ماڻي وشيون.
۱۵-۱۰ وڃڻ وارو، رهڻ وارو، ڀوڳُ ڀوڳيندڙ نہ جو،
جو گُڻن ڀرپوُرُ تنهن گياني ڏسي، مورکُ نٿو.
۱۵-۱۱ يتن سان يوگي ڏسن موُجود تنهن کي پاڻ ۾،
پر ڪندي ڪوشش نہ پائن بي خبر، ناپاڪ جي.

١۴-٢۴ مَستُ دک سک ۾ رهن، جن لءِ مٽي ۽ سونُ هڪ،
جن گلا سارها برابر ۽ منو ڪوڙو بہ هڪُ.
١۴-٢۵ مانُ ڇا اَپمانُ ڇا ۽ يارُ وئري هڪُ لڳي،
پاڙ ڪي ڪرتا نہ سمجهي سو گڻن کان ڇُٽل ٿئي.
١۴-٢٦ جو ڪري نِت ڀڳتي منهنجي، مورُ نا در در گهمي،
سو گڻن کان پار ٿي خود برهم ٿو بڻجي وڃي.
١۴-٢٧ ٺيڪ مان تنهن برهمَ جي اوناسُ ۽ اَمرتُ بہ جو،
جو سناتن ڌرمُ سُکُ ۽ لءِ پريو آنند جو.

پئدا ٿيڻ ڦهلجڻ ۽ ناس ٿيڻ، اچي ٿو وڃي، پرميشور دوارا هلايل هڪ دائمي يا سدا هلندڙ ڪارروائي آهي تنهن ڪري اِن پپل جي وڻ کي امر يا اوناس ڪوٺيو ويو آهي ڪوبہ ڪامل پرش وئراڳي ورتيءَ سان پنهنجي لاءِ اهو وڻ ناس ڪري سگهي ٿو پر سموري پراڻي جڳت جي اُتپتيءَ جو وڻ تہ پرليہ وقت ئي ناس ٿئي ٿو ٢. جڙ مٿي (اُرڌومول) جو مطلب رڳو ايترو نہ آهي تہ وڻ جون جڙون آسمان جي طرف آهن پر سڄي سنسار مٿان جو ايشور آهي اُنجي طرف ڪان ئي سنسار روپي وڻ جو جڙورن نڪرن ٿيون ۽ اُتان ئي خوراڪ بہ پراپت ڪن ٿيون. ٣. هت ويد جو مطلب آهي پورڻ گيان جنهن ۾ يوتڪ ۽ اَڌياتم گيان ٻئي اچي وڃن ٿا. اِن پورڻ گيان جي پيت پپل جي پنن سان ڪئي ويئي آهي ڇاڪاڻ جو جئن پپل جي وڻ جي اَنتم اُپج پن آهن تئن سنسار اُتپتيءَ جو بہ لڪش گيان آهي جو وڻ جي پنن جيان پراڻيءَ لاءِ ڇانو ۽ شڌ واناورڻ پئدا ڪري ٿو، ۴. سنسار روپي وڻ جي خوراڪ آهن پرڪرتيءَ جا گڻ. اُهي گڻ ئي وڻ جي واڌ جو يعنيٰ وشين روپي نين نين ٽارين جي مُڪڙجڻ جو ڪارڻ آهن. ۵. گڻن جي خوراڪ سان وڻ وڌي ٿو ۽ اُن جون ڪي پارون (جئن بر جي وڻ جو پارون) هيٺ يعنيٰ پراڻين جي طرف لٽڪن ٿيون ۽ اُتان پراڻين جي ڪرمن مان پئدا ٿيل واسنائن جي خوراڪ کڻن ٿيون. اِن طرح گڻن ۾ گڻن جي ورتڻ جو ئي نالو سنسار آهي. ٦. ڪاڌي جا چار قسم ٿين ٿا: چٻي کائڻ وارا، اُگرڻ وارا، چٽڻ وارا ۽ چوسڻ وارا.

۱۵-۱۲ تيجُ سورج چنڊ ۾ روشن ڪري سنسارُ جو،
تيجُ جو اگنيءَ اندر سو تيجُ منهنجو ڄاڻجو.

۱۵-۱۳ پيهجي ڌرتيءَ سنڀاليان اوج سان هر جيوُ مان،
هر جڙي ٻوٽي اُپايان، رسُ ڀريان تي چندرمان.

۱۵-۱۴ ديهه اگني ديهه ۾ مان جُڙيل پان اَپان سان،
هاضمو ڪندڙ پچايان ٦ چار جنسونُ اَنُ مان.

۱۵-۱۵ مان دِليُن ۾، مُون منجهان ئي ذهنُ، گيانُ وَ توڙ تڪ،
ڄاڻ مان، ڄاڻان رچان مان ويد جي سڀ جوڙجڪ.

۱۵-۱۶ ٻن طرح جا پُرُشُ تين، هِڪُ ناسوان اَوناس ٻيو،
ديهه پُرُشَ تہ ناسوان پر آتما تئي اَمر ٿو.

۱۵-۱۷ پر اُتمُ ڪو پُرُشُ ٻيو ئي جو سنڀالي لوڪ ٽي،
جنهن چون پرماتما يا ايشُ اَوناسي تئي.

۱۵-۱۸ جئن تہ ناهيان ناسوان مان ۽ اُتم اوناس ۾،
مُون ئي پُرشوتمُ چون هر لوڪ ۾ هر ويد ۾.

۱۵-۱۹ اِن طرح جو گيان وارو مون کي پرشوتم لکي،
سو سچو ڄاڻو، پڄنُ هر ڀاوَ ۾ منهنجو ڪري.

۱۵-۲۰ راز واري هيءُ سکيا، نشپاپ! توکي مون ڏني،
ڄاڻندي، اَرجُن! اها ڄاڻو وڃي ٿو ڌنيہ ٿي.

---

۱. هڪ پرميشور مان پراڻي جگت جي اُتپتي، جنهن ۾ ديهه من اندريون، ٻڌي، وشيون، واسنائون مشغوليون وغيره سڀ شامل آهن، سمجهائڻ لاءِ ان سموري جنسار جي ڀيٽ اُلٽي لٽڪيل پپل سان ڪئي ويئي آهي. ڇو جو وڻ جيان سنسار ڦلي ڦُولي ٿو ۽ وقت اچڻ تي ناس ٿيو وڃي. جئن تہ اِها جگت جي اُتپتيءَ جي ڪارروائي جنهن ۾

١٦-١٢ آس - ڦندي ۾ جڪڙجي، واسنا وس، ڪروڌ ۾،
ڪامَ ڌَنَ جي ڀوڳَ لاءِ هِچڪَن نٿا ناحَقُ ڪندي.

١٦-١٣ هيءُ اَڄم، هيءُ آهه مِلٽو، اَڄُ ٿيمُ ڌَنُ هيترو،
جو وڌي هيڏو، اِهو بس سوچ جو تن دائرو.

١٦-١٤ هيءُ ختم دشمن ٿيو ۽ هوُ ختم ڪرڻو اَڄم،
مان سُکي، ٻلوان، قابل، ڀوڳ جو اَڌڪارُ ڄم.

١٦-١٥ مان ڌني، مان ڪُلَ اُچي جو، ثاني منهنجو ڪونہ ڪو،
دان يگ سان سُکُ ڪمايان، ڦونڊجي موڙکُ ويو.

١٦-١٦ ڀرمَ ۾ ڀٽڪيلُ سندس مَنُ موهہ جاريءَ ۾ ٻڌو،
ڪام ڀوڳن ۾ لڳي هوُ، نرڪَ ۾ ويندو سڌو.

١٦-١٧ سي هٺيلا، خود پسند ۽ مان ڌن جي اَنڌ ۾،
بنَ وڌيءَ پاکنڊ سان ٻيا يگ هون ڪَنِ نانو ۾.

١٦-١٨ وَسِ اَهمَ ۽ زور وَس، وَس ڪامَ هٺَ ۽ ڪروڌَ جي،
موُنَ ڌڪارَن پاڻ اَندَر ۽ اَندر مخلوُق جي.

١٦-١٩ تنِ سَڙيلَ پاپيُن ڪُڪَرمُين ۽ اُنهن ٻُڇڙن ڌڪيان،
هيَٺ، ۽ ٻيو هيَٺ ڪيريان، آسُري جوُڻيونَ ڏيِان.

١٦-٢٠ آسُري جوڻين اَندر سي موڙهہ ڦِرندا ٿا رهن،
موُن نہ پائِن، نيچُ ڪان پڻ نيچُ گتِ کي ٿا لهَن.

١٦-٢١ ڪامُ، ڪاوڙَ، لوڀُ آهن دوارَ ٽيئي نرڪ جا،
آتما کي ناسُ ڪندڙ، تياڳ جوڳا سي سدا.

١٦-٢٢ جو پَري، اَرجُن! رَهي اونده ڀري ٽن درن کان،
جَسَ ڀريا ڪندي ڪَرَمَ سو ٿو وڌي گتِ - پرم ڏانهن.

١٦-٢٣ پر نہ شاسترن تي هلي جو، وِس هلي جذبات جي،
نا لهي سو پَدُ - پرمُ ٿو، سوکَ جڳَ ۾ نا مِلي.

١٦-٢٤ تنهنڪري ڪَڻُ شاسترَ مان پَرماڻُ ۽ ڪَرِ فيصلو،
جو حُڪمُ شاسترنِ اَندر ٿِي سوڪَرَڻَ لاءِ ٿيءُ ڪَڙو.

اَڌياءُ سورهون

شري ڀڳوان چيو:

١٦-٠١ نِڊرتا ۽ صافُ دِل ۽ گيان يوگ ۾ درڍتا،
دانُ، يگُ تپُ، پاٺُ، قبضو من وَ اِندرين تي سدا.
١٦-٠٢ تياڳُ، سَچُ، مَنَ- سانتِ ۽ سيتلُ سُڀا(ءُ) ۽ اهنسا،
لڄ و ڪوملتا، ديا، سنجيدگي ۽ سرلتا.
١٦-٠٣ تيجُ، شڌتا ۽ ڪميا، ڌيرج، نه گيرب، ڊوهه نا،
گُڻَ اِهي اُنجا، ملي آ اِشوري جنهن سمپدا.
١٦-٠٤ گهمنڊُ، ڪاوڙ، شوخُ واڻي، مورکتا، پاکنڊتا،
لڇڻ تين سي اُنَ سندا، آ آسُري جنهن سمپدا.
١٦-٠٥ اِشوري ڏَي موڪشُ، سمپت آسُري ٻنڌن ٻڌي.
تون ڏني آن اشوريءَ جو، ڇو ڀلا تو سوچُ ٿئي.
١٦-٠٦ قِسمَ ٻِنِ جا مَنکَ تين، ڪي اِشوري ڪي آسُري،
اِيشوري اِن مون ٻُڌايا، هاڻ ٻايان آسُري.
١٦-٠٧ ڪونه ڄاڻن اَسُرَ اِن جي، ڇا ڪرڻ جوڳو نه ڇا،
نا صفائي، نا سچائي، ڄاڻ ورتڻ جِي نه ڪا.
١٦-٠٨ ٿا چون سنسارُ ٻِنَ سچ، ايش ٻِنَ، ٻِنَ آسري.
اُتپتي سنجوڳ جي آ ڪامَ لءِ، ڪر عيش ري.
١٦-٠٩ مَتِ اِنهيءَ سان ناس ٻُڌِ ۽ نشٽُ ٿيل جا آتما،
ٿئي ڪُڪرمي جڳتَ وئري، ناسُ ڪندڙ هيءُ جهان،
١٦-١٠ ڪامنائون اَڪُٽُ، تن ۾ ڀريل هَٽُ پاکنڊ پڻ،
موهه وس تي پاپُ سوچن، ڪوٽُ ورتڻ ۾ سَندن.
١٦-١١ ڪامنا چنتا اندر هو زندگيءَ ڀر ٿا رهن،
ڀوڳَ ڇَشکي ۾ لڳي، آ سُکُ اهو ئي ٿا مڃن،

اوم شري پرماتمنہ نمہ

اَڌياءُ سترهون

اَرجُنَ چيو :

۱۷-۰۱ جي ڇڏي شاسترن وڌي پيا يگ رچن ويساھ سان،
ڪرشن! ڇَئُہ ويساھُہ تِن جو سَتُ وَ رَجُ يا تَمُ مَڃان.

شري ڀڳوان چيو :

۱۷-۰۲ مَنُشَ جو [1] ويساھُہ، اَرجُن! تِن سُڀاوَنِ مان ٿهي،
سَتُ وَ رَجُ يا تَمُ سُڀاءُ، ويساھَ پڻ تهڙو ٿئي.
۱۷-۰۳ منشَ جو ويساھ خود اُن جي انوسار ئي ٿئي،
منش آ [2]ويساھ - مئہ، ويساھ جهڙو پاڻ ٿئي.
۱۷-۰۴ ديو پوڄن ساتوڪَ ۽ دئت پوڄن راجسڪ،
پريت ۽ جي ڀوتِ پوڄن سي منشَ ٿين تامسڪ.
۱۷-۰۵ وڌ ڇڏي پيا گهورُ تپ ڪن، پيا تپائن پاڻ کي،
سَي هٺيلا، اَهنڪاري، ڪام وس، وس موھ جي.
۱۷-۰۶ پيا سُڪائن پنج تتون ساڻ مون کي ديھ ۾،
سي اَياڻا سمجھہ، ارجن! آسُري پيلَ جوڻ ۾.
۱۷-۰۷ ٽي قسم کاڌا ٿين ۽ ٽي قسم يگ دان ٿين،
گُڻ چوان تِن جا اَلگ جئن اَلگ ماڻهن کي وڻن.
۱۷-۰۸ رَسُ ڀريا، سڙيا، ستاپا، عمر بل بُڌ جي ڏين،
سُکُ، صحت ڏيندڙ، مُوافق، ساتوڪ کاڌا ٿين.
۱۷-۰۹ پر ڪٽا، کوڙا، سلوڻا، چپ- چٽا ۽ گرمُ جي،
دردُ، دک، چنتا وڌائن راجسڪ آهن اُهي.
۱۷-۱۰ تامِسڪ پوڄن اُهي جي ٿين سُڪا يا اَڌَ- پڪا،
بانسي پاروُٺا وَ جوُٺا ٿين سَڙيَلَ ۽ ٿِين ڀُٽا.

نوٽ : اِشوري (اِلاهي) ۽ آسُري (دُشٽُ) سمپتي يا ملڪيت
سد ڳُڻَن ۽ بد ڳُڻَن کي چيو ويو آهي. اُهي ڳُڻَ
ئي سنا ۽ بُرا ڪرم مَنش کان ڪرائن ٿا ۽ ڪرمن
ڪندي ئي اِهي ڳُڻَ سَبَلُ ٿين ٿا.

١٧-٢٤ تنهن ڪري، اِن اوم جو وڌ سان اُچارڻ ٿو ڪري
برهم جو طالبُ، جڏهن ڪَوَ دانُ، يگُ يا تَپُ ڪري.
١٧-٢٥ تَت يعنيٖ سَڀُ برهم آ، چاڻُو ڪري بِنَ ڦل اِڇا
دان، يگ، تپ، من اندر هڪ موڪش جي بس
چاهہ آ.
١٧-٢٦ سَتَ، سچائي ڀاو سڀ ۾، ڀاو نيڪ جو بہ ست،
اُتم عمدو ڪاج، ارجن! پڻ چوائي ٿو تہ ست،
١٧-٢٧ پُختگِي من جي بہ ست جنهن سان ڪجي يگ، دانُ، تپ،
هر ڪرمُ تنهن واسطي، ارجن! ڪيل پڻ آهہ ست.
١٧-٢٨ بن عَقيدي ڪيل يگُ، تپ، دانُ يا شڀ ڪرم ڪو،
ٿئي اَست ٿو، لاڀُ نا ڏي لوڪ يا پرلوڪ جو.

---

١. اڪيچار جنمن ۾ پرڪرتيءَ جي ٽن گڻن جي سنسڪارن مان منش جو سڀاوُ ۽ ويساھ ٺهن ٿا ٢. منش ويساھ - ميہ يا ويساھ سان ڀريل پراڻي مڃيو ويو آهي ٣. گُرَ شبد ۾ پتا ماتا بہ اچي وڃن ٿا.

١٧-١١ يَگَ وڏيءَ موجِبُ ڪيل ۽ ڪامنا بن جي ڪَجَنِ،
تِرپتَ مَنَ سان فَرضُ سمجهي ساتوڪُ سي ليکجَن.
١٧-١٢ جي رِڳو ڏيکاءَ لءِ يا ڦل اِڇا سان ٿا ٿِين،
يَگَ اُهي تون ڄاڻ، اَرجن! راجسڪُ ئي ٿا ٿين.
١٧-١٣ پَرَ ٿين جي بن وڏيءَ ۽ دان ۽ ڏکڻا بنان،
نا وري شرڌا سچي جت، تامسڪُ سي يگ ميان.
١٧-١٤ ديوَ، برهمڻ، [٣]گُرَ وَ گياني‌ءَ کي نمڻ ۽ اهنسا،
سرلتا، برهمچريہ ۽ پاڪيزگي تپ جسم جا.
١٧-١٥ سچ چوڻ، ٻولڻَ مِٺو، پرڪائيندڙ جو نا ٿئي،
پاٺُ شاسترن نيم سان ۏاٽيءَ سندا ٿين تپ اِهي.
١٧-١٦ مَنَ پر سنتا، ڀاو ڪومل، دل صفا وس ۾ خُدي،
ماٺ ورتڻ، من سندا تپ ڪن اِهي من جي شڌي.
١٧-١٧ ٽن نمونن جا اِهي خوبُ شرڌا سان ٿين،
منش دوارا ڪامنا بِنَ، ساتِوڪُ تِنِ کي چوَن،
١٧-١٨ جي ٿينَ سَتڪارَ پنهنجي، شانَ پَنهنجي مانَ لءِ،
راجسڪُ سي تپ ٿين، نا نيم-بَڌُ، پَلَ لاءِ لءِ.
١٧-١٩ پر ڳهيلائپ منجهان جي پاڻ پيڙي تپ ڪجن،
يا ڪرڻ لءِ حاجي ڪنهن جِي تَامسڪُ سي تپ ٿين.
١٧-٢٠ دان ٿين جي فرش خاطر نا ڪندي اُپڪار ڪو،
وقت، جاءِ و لائقي سوچي، انهن ۾ ڳڻ ستو.
١٧-٢١ ڦَل اِڇا سان دانُ ٿئي جو، موٽ جي ويچار ڪان،
۽ ڏجي ڪيپائندي جو راجسڪُ تنهن کي ميان.
١٧-٢٢ دانُ جو بي وقت، بيجا(٤)۽ نہ لائق کي ڏجي،
جڻ ڪندي اَحسان، اَهڙو تامسڪُ ٿو دانُ ٿئي.
١٧-٢٣ اومُ تَتَ ست ٽِن طرح سمرڻ ٿئي ٿو برهم جو،
ويد، يگ، برهمڻ انهيءَ مان ٿيا شروع جڳن جڳ نهيو.

١٨-١٠ موھ نا جي ڪَمُ وڻي ڪو، نا وَڻي تان چڙ بہ نا،
ساتِوڪُ گياني سَچو بيشَڪِ اُھو تياڳي تہ آ.
١٨-١١ ديھَہ ڌاريءَ واسطي مُمڪِن نہ تياڳڻ ڪَرمُ سَپُ،
تَنهنڪري تياڳِي اُهو ئي ڦَلُ ڪري جو تياڳُ سَپُ.
١٨-١٢ ڦَلُ اَتياڳِيءَ کي ملي ٿو، ڪٿِي ملي پرلوڪ ۾،
شُڀُ، اَشُڀُ يا ڪو گڏيل ڦَلُ، پر نہ تياڳِيءَ کي ملي.
١٨-١٣ ھَر ڪَرمَ کي سِڌ ڪرڻ ۾ پنج ڪارڻ ٿا جُڙن،
ٻُڌُ اُهي، اَرجُنَ! چوان مان، سانکيہ سوُترَ جِئَن چوَنِ.
١٨-١٤ ھِڪُ ٿِئي [٢]آڌارُ، [٣]ڪَرتا ٻيو، [٤]وسيلا ٽيون ٿِين،
[٥]اُدمَ ڪيئي، [٦]ديوتا، اِئَن پنج ڪارَڻَ ٿا ٿِين.
١٨-١٥ ڪَرَمُ واجِبُ يا نَہ واجِبُ ديھَہ واڻيءَ مَنَ ٿئي،
پنجَ جڏھين ملن ڪارَڻَ ڪَمُ تہ تڏھن ٿو ٿئي.
١٨-١٦ پَرَ اِئين ھوندي بہ سمجھي، پاڻکي جو ڪم ڪندڙ،
سو رکي ڪمزور ٻُڌ ٿو، ناھ ھو سچ پرکندڙ،
١٨-١٧ ’مان ڪيان ٿو‘ ڀاوَ اِن سان ٻُڌ نہ ميرِي آھ جنھن،
سو نہ ٿو ماري، نہ ڀوڳي پاپُ مارڻ جو ڪڏھن.
١٨-١٨ ڄاڻ، ڄاڻو، ڄاڻ لائق ڏين ٽِئي ڪم کي ھُشي،
وسيلا ڪارروائي ڪندڙ ٽين ڪم ڌُري.
١٨-١٩ گيانَ جا ٽي، ڪرم جا ٽي، قسم ڪندڙ جا بہ ٽي،
سانکيہ جي اندر چيل جي، ٻُڌُ چوان مان ٽيئِي سي.
١٨-٢٠ گيانُ جو ڏي ڄاڻ سڀني جي اندر اوناسُ ھِڪ،
الڳتا ۾ اڻ - ونڊيل جي لَکَ ڏئي سو ساتوڪُ.
١٨-٢١ جو ڏِسي ھَر ھَستي نياري مُختلِف ڀاوَن ڀِري،
ٿو پَسي بَس اَلَڳتائي راجسڪُ سو گيان ٿِي.
١٨-٢٢ پر بنان ڪارڻ ڏِني جو ڪاريہ ئي سڀُ ڪڇُ مڃي،
گيانُ سو آ تامسِڪُ جو تَهَ اَندر نا ٿو وَڃي.

اَڏياءُ اَرڙهون

اُرجُن چيو:

١٨-٠١ تياڳُ ۽ سنياسُ ڇاڻڻ جي اڇا، رشيڪيش! مونُ،
او ٻلي، او ڪيشِ ناسڪ! ڇئہ جدا ٻئي تَتو تون.

شري ڀڳوان چيو:-

١٨٠٢ ڪامنا لءِ ڪرم تين جي تياڳُ تِنِ سَنياسُ آ،
تياڳُ ڦَلَ جو تياڳُ آ، اِئن سالِڪَنِ جي راءِ آ.
١٨-٠٣ ڏوهہ وانگر هر ڪَرمُ ڪي ٿا چَوَن تياڳَڻُ ڄڳو.
دانُ، يَگَ، تَپَ ڪَرمَ اَهڙا، ٻيا چون تياڳڻ لَڳو.
١٨-٠٤ مان ڪري تحقيق، اَرجُن! تياڳ باري ۾ چوان،
تياڳ جا ٽين ٿي نمونا، ذڪر، مد بر! مان ڪيان،
١٨-٠٥ نا ڄڳائي ٿو ڇڏڻ يَگُ، دانُ، تُپُ، شُڀُ ڪرم ڪو،
ڇو نہ اِن ڪرمن ڪندي شُدّ من ٿئي سياڻن سندو.
١٨-٠٦ پَرَ ڪَجَنِ سي ڪرم سَڀُ پڻ بِنَ ٻَنڌنَ بَنَ ڦلَ اِڇا،
آ اِهو مُون فيصلو، پارٿ! صحيح مت آ اِها.
١٨-٠٧ نا سُهائي ڪنهن بہ تياڳڻ لازمي جو ڪرم ٿئي،
پرم وَسِ ٿي تنهن ڪي تياڳڻُ تامِسڪُ ٿو تياڳ ٿئي.
١٨-٠٨ ٿئي ڪَندي ڇاڪاڻ پيڙا جِسمَ ڪي تنهن پئہ ڪنان،
ڪَرمَ تياڳَڻُ راجسڪ ٿئي ۽ ٿئي پڻ جَسَ بِنان.
١٨-٠٩ ڪَرَڻَ جوڳو لازمي پڻ ڪَرمُ اَهڙو جو ڪري.
بِنَ بندن ڦَلُ تياڳَ سان، سو سانِوڪ ٿو تياڳُ ٿئي.

١٨-٣٦ سُکَ ٻہ ٽين ٽا ٽن نمونن جا اُهي، سرمور! ٻُڌُ،
عَمَلَ سان ڏُکُ دُور ٿئي ماڻي سگهي هرکو نہ سک.

١٨-٣٧ زهر جئن ڪوڙو لڳي پر اثر ۾ امرت ٿئي،
سُٻُڌِ جو پرسادُ سو سُکُ ساتوڪُ ٿو ليکجي.

١٨-٣٨ ڀوڳَ وِشَيِنُ مان مِلي جو سُکُ مِنو ٿئي شُروعَ ۾،
اَنتُ زَهريلو ٿئي، سو راجسِڪُ ٿئي جِنسَ ۾.

١٨-٣٩ ننڊ، آلس، بَدِ مزاجيءَ مان اَچي جو سُکُ گهٽو،
موهندڙ من کي سدا ٿئي، تامسڪُ تنهن کي ٻُڌبو.

١٨-٤٠ آهِ هِت يا سُرُڳ ۾ ديون اندر اهڙو نہ ڪو،
جو رَهي آزادُ مايا جي گُڻن ٽِنِ کان سَگهيو.

١٨-٤١ اِن سڀاوِڪ گڻن خاطِر ئي وَنڊيا ويا ڪَرمَ اِن،
برهمَڻن جا، ڇَترِيَن جا، شوُدَرن وئشِن جا پڻ.

١٨-٤٢ ماٺِ، قَبضو، تَپُ، سَرلتا، نيتَ شُڌ، کميا گهٽي،
گيانُ، اَنڀوُ سَتيہ جو، ويساهہ ڪَرمَ تہ برهمڻي.

١٨-٤٣ تيجُ، سوُرهيائي، صبرُ، چُستي، ڀڄڻ نا جنگ مان،
دانُ ۽ سواميپڻو پڻ ڪرم ڇتريءَ جا ٻُڌبان.

١٨-٤٤ وَنڻُ وڪڻڻُ، گايوُن پالڻُ، وئش ڪمَ کيتي ڪرڻُ،
۽ ڪَرَمُ شوُدر سَندو سيوا اِنهَن سَڀنِي ڪَرڻُ.

١٨-٤٥ جو لَڳي پنهنجن ڪِمَن ۾ پائي پوُرَڻتا اُهو،
ڪِئَن سا پوُرَڻتا مِلي ٿي مان چوان موُن کان ٻُڌو.

١٨-٤٦ جَنهِن مَنجهان جَڳُ آهِ اُپَجو جو جَڳَتَ وياپي رَهي،
ڪِمَن پَنهنِجنَ ساڻُ تَنهِنکي پوڄي پوُرَڻتا لَهي.

١٨-٤٧ پَرَ - ڌَرَمُ پاليلُ صحِيح کان آ اُتمُ پنهنجو ڌرمُ،
بيگڻو پِلُ پَرَ سُڀاوڪ، نا لڳي ڪو پاپُ غَمُ.

١٨-٤٨ ڪَنهن ڪَميءَ ڪارڻ سَهِجُ پنهنجو ڪَرمُ تياڳڻ لڳو،
آهِ داغي هَر ڪَرَمُ جئن باهہ ۾، اَرجُنَ! ڏُنهون.

١٨-٢٣ لازمي جو ڪَرمُ ٽئي ڪرتاپڻي جي ڀاوَ بِنَ،
بي اِڇا بي پيار نفرت، ساتوڪ تنهن کي ڳڻِن.
١٨-٢٤ ڦَل اِڇا سان ڪَرمُ ٽئي جو اَهَمُ ڪرتا جي اَندر،
جوش وارو سو ڪرم ٽئي راجسڪ درجي اندر.
١٨-٢٥ پرَ بنان سوچي نتيجو، حاجي، هِنسا قابليت،
موهہ وَسِ ٿي جو ڪجي ڪمُ تامسڪ ۾ ٽئي ڳڻت.
١٨-٢٦ بِنَ - بندِن بِنَ - اَهَمَ آ، اُتساهہ ۽ ڌيرج ڌڻي،
سوڀَ هارَ نہ جَنهن ڇُپي سو ڪم ڪندڙُ ٽئي سَتَ گُڻي.
١٨-٢٧ موهہ ڦاٿَلُ، ڦَلَ اِڇا ۽ لوڀُ، هنسا، مَئِل جنهن،
هار ۾ ڏُکُ، سوڀَ ۾ لاءِ، گڻُ رجو ٽئي منجهہ تنهن.
١٨-٢٨ ٽئي ڪچو، مغرور، ڌورتُ، بيهودو، بد خواهہ جو،
آلسي، دلگيُر، ٽاري ڪَمُ، اَندر تنهن گُڻُ تمو.
١٨-٢٩ سمجهہ جا، سنڪلپ جا پڻ گڻَن موجب قسم ٽي،
مان چوان وستار سان، اَرجُنُ! اُهي ٽين قِسمَ جي.
١٨-٣٠ ⁷ پرَورتي ۽ ⁸ نورتي، ڪَمُ لازمِي بي - لازمي،
ڊُرُ، نہ ڊَرُ، بَندن وَ مُڪتِي جاڻندڙ بُدِ سَت گُڻي.
١٨-٣١ جا نہ جاڻي آ صحيح ڇا، ڌرمُ اَئين اَڌرمُ ڇا،
ڪَرڻُ جوڳو ڪَمُ نہ ڪهڙو راجسڪُ سا سمجهہ آ.
١٨-٣٢ پرَ مڃي جا ڌرم اُن کي جو اصل نہ اَڌرم آ،
تامسڪ سا سمجهہ ويڙهيل منجهہ اوندهہ جي، اَدا!
١٨-٣٣ يوگ دوارا جو جهلي مَن پراڻ اندرين کي پڪو،
۽ رهي ويچارَ بِنَ، آ ساتوڪُ سنڪلپُ سو.
١٨-٣٤ ڌَرم ڪام وَ اَرٿَ کي جو ڦَل اِڇا سان ٿو جَهلي،
موهہ رَتو سنَڪلپُ اَهڙو راجِسڪُ، اَرجُن! ٽئي،
١٨-٣٥ ڀئہ، اُداسي، ننڊ، چنتا ۽ گهمنڊ جو نا ڇڏي،
اَحِمقاڻو سوءِ سنڪلپُ تامِسڪُ درجو رکي.

١٨-٦٢ پاڻُ، پنهنجون پاونائون ڪر سَمرپڻ ايش جي،
مهر سان، پارت! رسين اُتِ، سانتِ آ دائمُ جتي.

١٨-٦٣ اِهو ڳجهارَتَ کان بہ ڳجهو اَڄُ
گيانُ ڇيمُ، اَرجُن! توکي،
هاڻ اُهو ڪرِ سوچي جيڪي
صحيح لڳي، مِنڙا! توکي.

١٨-٦٤ وَرِي ڇوان سو گيانُ تہ ڳُوڙهو
پلو ڏِسان جَنهن ۾ تُنهنجو،
ڪونَہ ٿئي ڪا هِچڪَ چوَڻ ۾
ناتو توسان پريمَ سَندو.

١٨-٦٥ مَنُ تہ ڪَري ايڪاڳُر مُون ۾،
پاوَ سَچي سان ڀَڳتي ڪَرِ،
جُهڪين اَڳيان مُنهنجي تہ ملين مُون،
قولُ اِهو مُنهنجو پَڪُ ڪَرِ.

١٨-٦٦ تياڳي پَنهنجا ڌَرمَ سَمُورا،
شَرڻ اَچي مُنهنجي پَڪڙين،
پاپَنِ کان مُکتي ڏياريان تو،
چا لءِ پيو تُون سوچُ ڪَرِين.

١٨-٦٧ گيانُ اِهو مُنهنجو نہ ٻُڌائج
پاوُ نہ ڀَڳتيءَ جو جَنهِن ۾،
جو نَہ ڪَرَي تَپُ، ٻُڌڻُ نہ چاهي،
حوُصَ، حَسَدُ، شَڪُ جَنهِن مَنَ ۾.

١٨-٦٨ رازُ اِهو جو کولي ڀڳتن
مُنهنجن ۾ سِڪَ پريمُ ڏسي،
پريمُ رَکي مون ساڻُ مِلي سو،
اَرجُن! شَڪُ اِنَ ۾ نہ اَٿِي.

١٨-٤٩ پاڻَ جيتيلُ، ھَيَڇَ حِرصُ نہ، جنھن جي پرِمت ناھِ بُڌ،
سو ڪَري سَنياسُ پائي پَدُ اُھو جِتِ ڪَرَمَ مُڪت.

١٨-٥٠ سِڌ پُرُشُ سو برھمُ پائي جئن، چوان سو مُختصر.
گيانُ آعليٰ مان سليان، بُڌُ بارَ ڪُنتيءَ! ڌيانُ ڪرِ.

١٨-٥١ بُڌ صَفا، وِشيُن پَري ۽ پيار نفرتَ کي ڇڏي،
پاڻُ سوگھو جو جھلي سنڪلپ سان پُختو ڪري.

١٨-٥٢ اَلَڳ - واسي، ڪاچُ تورو، وَس وَچَنُ مَنُ ڪايہ تَسِ،
ڌيانَ - يوڳ مَگَنُ سدا، وئراڳَ جو آڌارُ تَسِ.

١٨-٥٣ اَھَمُ، بُلُ، ڪاوَڙ وَ ميڙَڻُ، ڪامُ ھَٽُ تياڳي سَڄو،
سانتِ ٿي، ممتا ڇڏي، خود ئي وڃي ٿي برھمُ تو.

١٨-٥٤ برھمُ ٿي، چِتَ سانتِ پائي، سوڪَ، تَمَنا ڪان ڇُٽي،
سَڀَ اَندر سَمتا ڏسي، منھنجي لھي ڀڳتي سَچِي.

١٨-٥٥ ڀَڳتُ ڀَڳتيءَ سان سَمجھي ڪيرُ مان چاھيان تہ مان،
تَتوُ سَمجھي لينُ ٿئي مون ۾ ڪري ڪا دير نا.

١٨-٥٦ شَرڻ ۾ مُنھنجي رَھي ڪَمُ ڪار سَڀُ ڪَندي سَدا،
پَدُ پَرَمُ قائِمُ وَ دائِمُ ھوُ لَھي، مُنھنجي دَيا.

١٨-٥٧ جو بِہ اَرپي ڪَرَمُ مون کي آسري مُنھنجي ھَلي،
سِڌ ڪَري بُڌ - يوڳ کي تو چِتُ سندس مون سان جُڙي.

١٨-٥٨ چِتُ ڳَنڍي مُنھنجيءَ مَھَر سان دُرگُڻَ ڪان پار ٿي،
اَھَمَ وَس جي ڌيانُ نا ڏيندين تہ ويندين ناسُ ٿِي.

١٨-٥٩ وَس اَھَمَ دعواي ڪَرين تو تون تہ لَڙندين ڪونہ ڪو،
پَر سُڀاءُ تہ زبردَستي جَنگ ڏانھن تو ڌوڪِندو.

١٨-٦٠ جو ڪَرَڻُ، اَرجُن! نہ چاھين موھہ وَس ھِت ھاڻُ تون،
سو ڪَندين ڀَڄي ڳُڻَن وَس، پَڪَ اِھا بِہ تَہ چاڻَ تون.

١٨-٦١ ايشوَرُ ھَرڪَنھِن اَندر، اَرجُن! ٿئي جو براجمان،
تو گُھمائي جيوُ مايا ۾ چَڙھيلُ چُڻُ ڪَلَ مَٿان.

۱. ڪيش راڪشس کي مارينڌڙ شري ڪرشن، ۲. ڪم جو
آڌ شڪتي يا آڌار آهي اُهو هنڌ جتي ڪم ٿئي ٿو. جئن
تہ ڪم شرير ۾ ٿئي ٿو تنهنڪري شرير بہ آڌار آهي،
۳. ڪرتا آهي مَنُ بڌ اَهمُ جو سمجهي ٿو تہ ڪم مان
ڪيو ڪيان، ۴. وسيلن ۾ پنج گيان اِندريون بہ اچي وڃن
ٿيون. ۵. اُدم ٿئي ٿو پنجن ڪرم اندرين دوارا ۶. پنج
تتو هوا، باهہ، پاڻي، آڪاش ڌرتي آهن ديوتا جيڪي
ڪم ۾ مددگار ٿين ٿا. مطلب تہ ڪل ۲۳ گڻ ئي پنج
ڪارڻ بڻجي ڪرم کي پورو ڪندڙ ٿين ٿا، ۷. ڪم ۾
لڳي رهڻ جو سڀاوُ، ۸. ڪم نتائڻ جو سڀاو.

هري اوم تت ست

Space donated by Shri B. K. Ajwani & family in sweet memory of his parents
Late Diwan Karamchand Ajwani and Smt Devi Bai Ajwani.

۱۸-۶۹ ڪونہ ڪَري اِنَ کان وڏ جَڳَ ۾
ڪاڄُ مِنو مُنهنجو ٻيو ڪو،
ڪونہ مَچان تَنهِن مَٿُ مان ڪنهنکي
پيارُ ڪَيان تَنهِن سان ڏاڍو.
۱۸-۷۰ جو پڙهي هيءَ ٽيلَ اَسانجي ڌرمَ واري گُفتگو،
گيانَ يَڳَ دوارا ڪري پوڄا، ڪري موُن جُستجو.
۱۸-۷۱ جو ٻُڌي شرڌا رکِي، مَنَ ۾ نہ ڪو ڪينو ڪٽِي،
مُڪت ٿِي پَهُچي اُتي جِتِ پُڄَ ڪندڙُ پهچي وڃِي.
۱۸-۷۲ هاڻُ چئہ، پارَٿَ! ٻُڌو ڇا آهِ سَڀُ تو ڌيان سان،
ڇا وَيو اَگيانُ تُنهنجو جو اَٽيو هُيہِ موهہ مان.

اَرجُن چيو:

۱۸-۷۳ موهہ وَيو، پاتَم سُمَت، ٿِي مَهَرَ تُنهنجيِ موُن مَٿان،
چِتُ ٿِيو مُحڪَمُ، وَيا شَڪَ، ڪرشن! چئہ سوئِي ڪَيان.

سَنجيہ چيو:

۱۸-۷۴ وارتا حئرتَ ڀَري هيءَ جَنهن ٻُڌي ٽيَن رونءَ ڪَڙا،
ڪرشنَ اَرجُنَ جي زبانيِ موُن ٻُڌي اَڄُ اِن طراح.
۱۸-۷۵ وياسَ ڪِرپا سان مِليو موُن رازُ ڳُوڙهو يوڳَ جو،
ڪِرشنَ يوگيشورَ کي مون ڄَڻُ روُبَروُ چوندو ڏٺو.
۱۸-۷۶ ڪِرشَن - اَرجنُ وارتا جا پُڄَ ڏياريندڙ سَدا،
موُج ٿو مَنَ ۾ لَهان، مَهَراجَ! ڪندي يادِ سا.
۱۸-۷۷ روُپُ سو سائنءَ سَندو حئرتَ ڏئي وَرَ وَرَ ڪري،
حَدَ نہ اچرج جي رهِي، بيحد خوشِي، راجن! ٿئي.
۱۸-۷۸ آهِ يوگيشورُ ڪِرشنُ ۽ ڌَنشُڌَرُ اَرجُنُ جِتي،
سوڀَ، سُکُ، برڪَتَ ٿئي، پُختي ٿِئي نيتِي اُتي.